# سچڻ جن کي سڏيو

(ربيع الاول 2019 جي پروگرامن جي تقريرن مان چونڊ ٽُڪرا ۽
تصويري جهلڪيون)

سيد غلام حيدر شاهه قلندري

انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ



ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

## سچڻ جن کي سڏيو

(تقريرون)

شاعر: سيد غلام حيدر شاهه قلندري

معاون ڪار: الطاف ملڪاڻي

مرتب ڪندڙ: شير خان پنهور

ڇاپو پهريون: 2020ع

ڪمپوزنگ: شير خان پنهور

لي آئوٽ: آفتاب احمد هنگورجو

ٽائيٽل: مهراڻ سهتو

ڇپائيندڙ: انجمن غلامان قلندر (ويلفيئر) سنڌ انفارميشن شعبو

ملهه: 200 روپيه

## SAJAR JIN KHAI SADHYO

(RABIL AWAL PROGRAMS 2019 SELECTED
POINTS FROM SPEECHES & PICTURES)

1st Edition: © 2020
Composing: Sher Khan Panhwar
Published By: A.G.Q.W Sindh Information Department.

# ارپنا

هيءَ ڪتاب اسان انهن عظيم ڪردار جي حامل دوستن جي نانءَ ڪيون ٿا جن پنهنجيون جوانيون وقف ڪري ڇڏيون، پنهنجي محبوب سائين صل الله عليہ وسلم جي درود پاڪ جي محنت سان واسين پيا هن نفسا نفسي جي دور ڪيءَ، الله پاڪ اوهان انهن سيني دوستن کي آباد رکي آمين.

۔ سيد غلام حيدر شاهہ قلندري



## فهرست

➢ حقيقي علم ۽ شعور ڏانهن اچو
1) اچو تہ عشق جو جام پيئون
2) دُرود پاڪ محبت جي انتها آهي
3) روحانيت جي هيءُ حقيقي واٽ اٿوَ
4) اسان وٽ حق ۽ سچ جو فلسفو آ‌ي
5) فتح هميشہ ڪردار ۽ اخلاق جي ٿيندي آهي
6) عشق مصطفيٰ ﷺ کي سلامت رکو
7) دُرود پاڪ قلب جو نور اٿوَ
8) هيءُ جامِ قلندر پي تہ ڏسو
9) اسان جي تحريڪ اصلاحِ انسانيت آهي
10) هيءُ عشق جي امانت آهي
11) روحانيت جي هيءُ حقيقي واٽ اٿوَ
12) يہ محبت کا پيغام ہے

# ٻه اکر

شروعات الله جي پاڪ نالي سان اِيَّاكَ نَعْبُدُ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ, سڀ درود سلام ان هستيءَ تي جنهن اسان کي آشنا ڪرايو ان واحد جي وحدانيت کان, ان هڪ جي هڪڙائيءَ کان, جنهن اسان کي شفقت ڀري تعليمات سان نوازيو ۽ اسان کي اهڙي حسنِ اخلاق جي دائري ۾ آڻي بيهاريو, جيڪو هڪ انسان لاءِ ضروري آهي, هيءُ ڪتاب منهنجي روحاني ٻچي شيرخان ۽ سائين الطاف ملڪاڻيءَ جي انمول محنت جو نتيجو آهي, جن قيمتي لفظن کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪري هڪ تاريخ رقم ڪئي آهي, يقينن دنيا فنا آهي, مگر هي ڪاوشون هنن ڪتابن ذريعي ايندڙ نسل تائين پهچنديون, انشاء الله, سو ميلاد پاڪ 2019ع جون سيئي محفلون محفوظ ڪري دوستن تائين بهترين انداز سان پيش ڪيون اٿن, اهي اسان تي ٿورا آهن هنن پيارن دوستن جا, سو هاڻي ٻين دوستن تي فرض عائد ٿئي ٿو تہ اُهي هن جاڪوڙ جو قدر ڪن, منهنجيون دعائون آهن اوهان سڀني لاءِ آمين.

**سيد غلام حيدر شاهه قلندري**



# حقيقي علم ۽ شعور ڏانهن اچو

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! هيءَ محفل, جنهن ۾ توهان هيڏي وڏي تعداد ۾ آيا آهيو آئون انهيءَ سڄي محفل جي محنت ۽ ڪريڊٽ انهي مرد مجاهد سائين محمد علي بادشاهہ کي ڏيڻ چاهيان ٿو جنهن اڄ کان ٽيهہ سال پهرين هن محفل جو بنياد رکيو جنهن امان سائڻ جي درگاهہ تعمير ڪرائي, پنهنجي هٿان وٽان ۽ پنهنجي محنت سان, ايستائين جو هن جو والد بہ هن جهان مان رحلت ڪري ويو پر هو پنهنجي ڪم تي قائم رهيو پوءِ انهيءَ ڪم منجهان ٿورو ٽائيم ڪڍي اوڏانهن ويو اڄ آئون انهيءَ عظيم هستيءَ کي توهان جي موجودگي ۾ سلام پيش ڪريان ٿو.

دوستو هيءَ اها محنت, هيءَ اها عظمت آهي, جنهن کي ظاهري ويس ۽ روپ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي, هن کي نہ ڪنهن ظاهري وڻ ورچ جي صورت ۾, نہ ڪنهن امداد جي صورت ۾, نہ ڪنهن جي هار ۽ پٽڪن جي صورت ۾, ڪنهن بہ صورت ۾ اِها محنت ڪنهن انسان ڏانهن نهاري ئي ڪو نہ ٿي, اِها محنت فقط وجودي طرح, ظاهري طرح, باطني طرح انهن هستين ڏانهن نهاري ٿي جن جو هيءُ فيض آهي, جن جي هن سلسلي تي مسلسل توجہ آهي, انهي توجہ جو ڪارڻ آهي تہ اڄ توهان ۽ اسان پاڻ ۾ محبتون پيا ونڊيون, هيڏي امن امان سان, هن فتني واري دور ۾ جتي هر هنڌ اسان کي فتنو ملي ٿو شهرن کان وٺي بازارن ۾ گهرن ۾ هر صورت ۾ اسان کي فتني جا ڪوڙ سارا اسباب ملن ٿا, انهن اسبابن کي جيڪڏهن منهن ڏئي ٿي تہ, هيءَ محبتِ محمدي ﷺ ٿي منهن ڏئي, اِها محبتِ محمدي ﷺ ڪيئن ٿي منهن ڏئي؟ محبتِ محمدي ﷺ اوهان جي ڪثرتِ درود پاڪ جي شڪل ۾ هن معاشري کي منهن پئي ڏئي, اڄ بہ هزارين الله جي ولين بزرگن جي مزارن تي جيڪڏهن دُرود پاڪ جون محفلون قائم آهن تہ اها اوهان دوستن جي محنت آهي, پر توهان اسان جي اُها محبت تڏهن قائم آهي جڏهن اسان تي

فضل ربي آهي، اهو فضل ربي اسان تي فقط انهي محنت جي ڪري آهي، جيڪا ڪثرتِ درود پاڪ جي ڪري اسان کي ملي آهي .

منهنجا دوستو! ظاهري جيڪا به ڪيفيت اٿئو ظاهري جيڪو به علم اٿئو ظاهري جيڪا تعليم اٿئو اها برحق آهي، جائز آهي، پر ظاهري تعليمات ائين اٿئو جيئن اونداهيءَ ۾ هڪڙي ٽارچ هجي، جتي اونداهي ۾ رڳو پاڻ پنهنجو ڪم ڪار ڪري سگهون، ڪا واٽ وٺي سگهون، ڪا راهه وٺي سگهون، پر علم معرفت، علم باطني جيڪو عشق مصطفيٰ ﷺ ڪانسواءِ نٿو ملي، اهو ائين آهي جيئن هڪڙو سج جو شعاع، هيءُ اهو شعاع آهي جنهن جي اڳيان ٽارچ يا عام بتيون مدهم ٿي ٿيون وڃن، ڇو ته سج پوءِ به سج آهي، اهو نور جو سج حاصل ڪرڻ جي لاءِ معرفت جي تعليم، اها عارفانه تعليم، اها قلندرانه سوچ تڏهن ٿي ملي جڏهن ڪو محبوب ڪريم ﷺ کي ويجهو ٿئي، جڏهن هن تي فضل ربي قائم ٿئي ۽ فضل ربي تڏهن ٿو قائم ٿئي جڏهن منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي توجه ٿئي.

دوستو! منهنجا محبوب ڪريم ﷺ چون ٿا ته منهنجي امت مونکي ويجهي ٿئي، ڪيئن ويجهي ٿئي؟ معرفت جي صورت ۾، حقيقت جي صورت ۾، علم جي صورت ۾، هر طرح منهنجي امت مونکي ويجهي ٿئي، منهنجو محبوب چاهي ٿو ته مون تي وڌ ۾ وڌ درود قائم ڪريو جيئن توهان مونکي ويجهو ٿيو، توهان مونکي سڃاڻي سگهو ۽ آئون توهان کي انهيءَ دُرود جي صورت ۾ حوض ڪوثر تي به سڃاڻان، توهان کي انهن راهن تي سڃاڻان جڏهن توهان جو ڪير به نه ٿئي، هن جهان جي انهن سيني پريشانين منجهه به آئون توهان کي سڃاڻان، جنهن وقت توهان جي صحت هلي ٿي وڃي انهي وقت به آئون توهان کي سڃاڻان، آئون توهان کي ملڪ الموت جي وقت به سڃاڻان، آئون توهان کي انهيءَ وقت سڃاڻان جڏهن توهان جا پنهنجا به توهان کي قبر ۾ لاهي هليا ويندا پر محمد ڪريم ﷺ اتي به توهان سان وفا ڪندو، انهيءَ جو ثبوت اِهو آهي ته هن فيض کي عادت نه ناهيو، جيئن اسين ٻين بندگين کي عادت ٿا ناهيون، جيئن اسان ڪنهن دوست سان ملي اچون ٿا ته دوست ڇا پيو ڪري، جيڪڏهن دوست سجدا پيو ڏئي ته اسين به سجدا پيا ڏيون، اسان کي عادت پوري ڪرڻي ڪونهي، اسان کي اها بندگي اهو فعل عادت ناهڻي ڪونهي، پر اسان کي حصول نعمت ناهڻي آهي، اسان کي حصول رحمت



ناهڻي آهي، اسان ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏسي عادت ناهيون ته فلاڻو ماڻهو درود پڙهي پيو آئون به پڙهان، فلاڻي ماڻهو جي ڪري محفل ۾ وڃان، اها عادت نه هجي پر اسان هن کي پاڻ لاءِ حصول رحمت ناهيون، اسان جي اِها ڪوشش هجي، اسان جي اِها تمنا هجي ته اسان کي حصول نعمت ڪپي، اسان انهن ٻنهي شين نعمت ۽ رحمت کي پاڻ وٽ آڻيون، پوءِ اها نعمت ۽ رحمت ڇا ٿي ڪري، اها توهان جي تقدير ڇينج ٿي ڪري، ڪنهن اردوءَ جي شاعر چيو آهي ته

"نگاہِ ولی میں وہ تاثیر دیکھی،
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی"

الله وارا تقدير کي ڇينج ٿا ڪن، جنهن جو اڳ ۾ فعل ٻيو آهي، ان جو ڪردار ٻيو آهي، ان جو اٿڻ ويهڻ ٻيو آهي، پر جڏهن ڪنهن معرفت جي پنڌ ۾ اچي ٿو جڏهن طريقت جي واٽ تي هلڻ شروع ٿو ڪري، پوءِ ان کي حقيقت جي واٽ جي خبر پوي ٿي، پوءِ جڏهن ان کي حقيقت جي خبر پوي ٿي ته پوءِ ڇا ٿو ٿئي، پوءِ اخلاقن، ڪردارن هر طرح هن جي اٿڻ ويهڻ ۾ پاڪيزگي اچي وڃي ٿي، اها پرهيزگاري اچي وڃي ٿي، اها تقوا اچي وڃي ٿي، جنهن جي لاءِ الله سائين چئي ٿو ته:

"اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰكُمْ"

(سورت الحجرات آيت نمبر 13)

مونکي توهان جي پرهيزگاري، تقوا وڏيڪ پياري آهي، توهان جي منهن مهانڊن ڪان، توهان جي هلڻ ڪان، ڇو ته جڏهن الله سائين چئي ٿو ته:

وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ ﴿١٦﴾ (سورت ق)

**"آئون توهان کي شهه رڳ کان به ويجهو آهيان"**

ته پوءِ پاڻ ڇو الله سائين کي محدود ڪري ڇڏيو آهي فقط رڪوع جي وقت، سجدي جي وقت مسجد جي اندر، پر ان کان ٻاهر ٿا اچون ته پاڻ ان کي ڀلجيو ٿا وڃون، پوءِ اسان الله سائين کي حاضر ناظر ڪو نه ٿا سمجهون، پر الله جا عارفين، ڪاملين، صالحين چون ٿا ته چوويهه ڪلاڪ الله سائين کي حاضر ناظر سمجهو.

منهنجا محبوب! تنهنجي امت پڪ انهيءَ آخري دور ۾ ايندي جتي فتنن جو دور هوندو، زر ۽ مال جي ونڊ ورڇ هوندي، ڪئين بُرايون هونديون، مذهبي

طرح، ديني طرح هر طرح اهڙا اهڙا ماڻهو اڳتي ايندا ڪو پنهنجو پاڻ کي پير پيو سڏائيندو ڪو فقير، ڪو صوفي ڪو الاهي ڇا، پر هنن جا مفاد، هنن جا مطلب هنن جو پيٽ هوندو، هنن جي سڄي سوچ فقط مال ٺاهڻ ۾ هوندي، باقي الله سائين جي مخلوق انسان جي اصلاح ڪرڻ هنن جو ڪم ڪو نه هوندو، هو پنهنجي فيس وٺي مقرره ٽائيم تي هليا ويندا، انسان ڀٽڪي ته ڀٽڪي وڃي، اهو مسلمان رستي تان هٽي ته هٽي وڃي انهي سان هن جو ڪو مطلب ڪونهي، هن جا ٻئي هٿ پنهنجن کيسن ۾ هوندا، پر هن جا ٻه کيسا ٻيا به هوندا، اهي هوندا حرص حوس، حرص ۽ حوس ۽ ان ڪانپوءِ حسد به هوندو، جيڪڏهن ٻيو ڪو اٿي ڪو نيڪ ڪم ڪرڻ چاهيندو ته ان جي اندر ۾ اها حسد جي پوک پوکبي، اها پوک پوکجي پوکجي ايڏي ته وڏي ٿيندي جو اهي وري پنهنجي ماڻهن کي اهي داٽا چڳائيندا ۽ اهي داٽا چڳائي چڳائي انهن کي پنهنجو پڪو مريد ٺاهيندا ته ڪجهه اڌ مال اسين به کائو ته اڌ مال اوهين به کائو.

دوستو! معرفت جي مرڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪو اسان ۾ اسان جا دوست رات ڏينهن هلن ٿا، اِها اسان جي ڪمائي ڪونهي پر اسان تي فضل ربي آهي، اسان تي الله سائين جو وڏو فضل آهي، جو الله سائين اسان کي هن آخري دور منجهه جتي فتنو آهي، جتي هڪڙو ڪک به ماڻهو پنهنجي مطلب ڪانسواءِ پنهنجي مفاد ڪانسواءِ هيٺ مٿي ڪو نه ٿو ڪري، پهرين سوچي ٿو ته منهنجو هن ۾ فائدي آهي يا نه، جيڪڏهن فائدو آهي ته هو هلي ٿو جيڪڏهن فائدو ناهي ته هو ڪا شيءِ ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪونهي، پر هيءُ الله سائين جو ڪو فضل آهي، انهي محنت جي ڪري، اها محنت الله سائين کي ايڏي پسند اچي وئي آهي جو اسان ۾ اسان جي دوستن کي ڀٽن ۾، جهنگن ۾، شهرن ۾، اميرن وٽ، مسڪينن وٽ پر ڪو به شرم حيا محسوس ڪو نه ٿا ڪن ته اسان آفيسر آهيون، اسان وڏا آهيون، اسان معتبر آهيون جيڏي مهل هن پنڌال ۾ اچن ٿا ته سڀ هڪ ٿي ٿا وڃن، هتي فقط هڪڙو ئي نعرو آهي محبوب ڪريم ﷺ جي محبت ۽ ڪثرت درود پاڪ جو هوڪو انهيءَ ۾ ملي سڀ هڪ ٿي ٿا وڃن، امير آفيسر ڪير به ائين ڪو نه ٿو چئي ته آئون ڪو معتبر آهيان، آئون ڪو وڏو آهيان، اهي سڀ هڪ ٿا ٿي وڃن، ڪنهن کي ٿيلهو اچي وڃي ٿو ڪنهن کي ڪجهه ٿي وڃي ٿو پر هو ائين ٿا چون ته اسين هتي آيا آهيون ته محبوب ڪريم ﷺ جي محبت حاصل ڪرڻ آيا آهيون، اسان پنڌال ۾ پهتا آهيون



ته محبوب ڪريم ﷺ جي انهيءَ محنت کي وڌائڻ جي لاءِ پهتا آهيون، اهو محنت جو ڪارڻ ئي فقط هڪ آهي، محبت محمدي ﷺ، جيسين اسان جي اندر ۾ محبت محمدي ﷺ قائم آهي تيسين اسان کي ڪنهن جي به پرواه ناهي ڪا به قوت اسان کي دين اسلام تان هٽائي نٿي سگهي.

دوستو! دنيا ۾ جيڪو به دين اسلام ڦهليو، اهو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪردار، حسنِ اخلاق سان ڦهليو اهي ڪافر جن جي سوچ به ڪافرانه هئي، ڪافر اڪر جي معنيٰ آهي ڪارو، محبوب ڪريم ﷺ انهن ڪارن کي به ايمان ۽ نور سان اڇو ڪري ڇڏيو، اهو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو نور، اهو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي اخلاق جو نور، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪردار جو نور جڏهن اهو عربن ۾ ڇانئجي ويو ته عربن جي سوچ چينج ٿي وئي، انهي سرزمين تي مسلمان ڦهلجي ويا، جيتوڻيڪ انهن منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان سنو ورتاءُ ڪو نه ڪيو، پٿر هنيا، مٿي اُڇلي، جيڪي به تعنا تنڪا مهڻا ٿيا انهن ڏنا ۽ وري اها سنت ان جي اهل بيتن پوري ڪئي، اها سنت ان جي اصحابين، تابعين، تبع تابعين پوري ڪئي، اها سنت پوري ٿيندي ٿيندي آخر تائين هلندي رهندي، اها منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سنت آهي، ڪجي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي محبت جي ڳالهه ۽ محبت جي ڳالهه کي پکيڙجي ۽ تعنو تنڪو نه ملي، مهڻو نه ملي، دوکو نه ٺئي، جهان وارا اسان کي ڪجهه نه ڏين ڪجهه نه چون ته سمجهو اسان جي تبليغ ۾ فرق آهي، اسان جي سوچ ۾ فرق آهي، ڇو ته محبوب ڪريم ﷺ کي بخش ڪو نه ڪيائون، لعل شهباز کي بخش ڪو نه ڪيائون، خواجه معين الدين چشتي کي بخش ڪو نه ڪيائون، داتا سائين کي بخش ڪو نه ڪيائون، ملتان واري سائين غوث بهاول الدين کي بخش ڪو نه ڪيائون، مخدوم سرور نوح کي بخش ڪو نه ڪيائون، ڀٽائي سائين کي بخش ڪو نه ڪيائون، ڪنهن کي به بخش ڪو نه ڪيائون، اِها سنت محمدي ﷺ آهي، اِها سنت هلندي رهندي، جيڪو عشق مصطفيٰ ﷺ جي ڳالهه ڪندو، جيڪو عشق مصطفيٰ ﷺ جو پرچار ڪندو ان کي تعنا به ملندا، ان کي تنڪا به ملندا، ان کي مهڻا به ملندا، ان کي اسان منجهان اسان جا پنهنجا به چوندا تنهنجو ويس

هيڏو آهي، تنهنجو منهن مهانڊو هيڏو آهي، تون ۾ هيڏا عيب آهن، عيبن کان پاڪ صاف ذات صرف الله جي آهي، انسان تہ خاڪي آهي.

دوستو! هيءَ محفل توهان کي شعور ڏيندي، اهو شعور ڏيندي جنهن شعور کان ماديت پرستيءَ توهان کي بي شعور ڪري ڇڏيو آهي، توهان جون سوچون انهي ماديت پرستيءَ صفا ختم ڪري ڇڏيون آهن، اڄ توهان جي شعور کي سجاڳ ڪرڻ آيا آهيون، جاڳو فرقي واريت کان بچو محبتون پکيڙيو برصغير جي تاريخ رهي آهي تہ الله وارن ڪڏهن بہ تفرقو ناهي ڦهلايو الله وارن هميشہ معاف ڪيو محبوب ڪريم ﷺ هميشہ ماڻهن کي معاف ڪيو مائي هند جنهن حضرت امير حمزي جي بي حرمتي ڪئي، انهي کي بہ محبوب ڪريم ﷺ معاف ڪري ڇڏيو جيڪو محبوب ڪريم ﷺ جو وڏي ۾ وڏو دشمن ابوسفيان هو انهي کي بہ محبوب ڪريم ﷺ معاف ڪري ڇڏيو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو ڪم آهي معافي، معافي، معافي، جيڪي عارف آهن انهن جو بہ ڪم آهي معافي، معافي، اسان دوست چاهيون ٿا تہ محبوب ڪريم ﷺ جي انهيءَ اخلاق انهيءَ ڪردار جي پيروي ڪجي، چو تہ الله وارن ڪاملين جيڪي واقعي ڪامل هئا انهن محبت ۽ امن ڦهلايو نقلي پير ۽ صوفي نہ، جيڪي ماڻهن سان رڳو ٺڳي ۽ فريب دوکو ڪن ٿا، اهڙي طرح اسان جو ڪردار توهان جي سامهون آهي، توهان کي موڪل آهي تہ پهرين توهان پاڻ کي آزمائي ڏسو چيڪ ڪريو جيڪڏهن ڪردار وٽي تہ دُرود پاڪ جي محنت ۾ شروع ٿي وڃو اسان کي اوهان کان ڪا بيعت ڪرائڻي ڪونهي ڪو پيري مريدي وارو ڪم ڪونهي وٺڻو اسان جو ڪم آهي اصلاح، انسان جي اصلاح، جڏهن انسان جي اصلاح ٿي، هن کي سوچ آئي، هن جو شعور جاڳيو جڏهن انساني شعور جاڳيو تہ هو پاڻ چوندو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ پوءِ هو چوندو محبوب ڪريم ﷺ کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ ڪونهي. دوستو منهنجيون توهان جي لاءِ گھڻيون دعائون آهن، الله سائين توهان کي خوش رکي. آمين.

ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ بيبي جيجي مني رح (ڪنري)

تاريخ : 2019_11_24



# اچو تہ عشق جو جام پيئون

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! هيءَ عشق وارن جي محفل آهي، هيءَ اسان جي روحاني صوفياڻي محفل آهي، هن محفل جو دارومدار نسبتن تي آهي، نسبت ڇا جي؟ عيد ميلادِ النّبيﷺ ڇا آهي؟ عيد ميلادِ النّبيِﷺ اها آهي، جنهن ڏينهن تي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي آمد ٿي ٿئي، هيءَ آمد مصطفيٰ ﷺ جي محفل آهي، هيءَ نسبتن جي محفل آهي، نسبت ئي هڪڙي شيءِ آهي جنهن سان ماڻهو رنگجي ٿو ماڻهو چوندا آهن تہ منهنجي فلاڻي پارٽي سان نسبت آهي، آئون فلاڻي پارٽيءَ جو ڪارڪن آهيان، منهنجو واسطو فلاڻي فرقي سان آهي، منهنجو واسطو فلاڻي پير سان آهي، آئون نقش بندي آهيان، آئون سهروردي آهيان، يا ڪهڙي بہ جماعت سان منهنجو واسطو آهي، هيءَ محفل بہ نسبتن جي محفل آهي، ڪهڙي شيءِ سان نسبت آهي؟ ڪثرتِ درود پاڪ جي نسبت آهي، هتي توهان کي دعوت ڏئي ڇا جي لاءِ اسان جي دوستن آندو آهي؟ اسين توهان وٽ هتي ڇا جي لاءِ آيا آهيون؟ اسان توهان کي هتي نچائڻ ڪڏائڻ تہ نہ آيا آهيون. ها مرشد جي نالي تي ماڻهو نچندو آهي، لعل سائين، علي سائين جي نالي تي ماڻهو جهومندو آهي، محبوب جي آمد تي ماڻهو جهومندو آهي، پر اصل رنگ، اصل فلسفو اصل اسان جو ڪم توهان کي انهيءَ نسبت ۾ رنگڻو آهي، اها نسبت ڪثرتِ درود پاڪ آهي جنهن ڏانهن توهان کي آماده ڪرڻو آهي، توهان کي اوڏانهن راغب ڪرڻو آهي، جيئن توهان منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي وڌ کان وڌ درود پاڪ پڙهي اهڙي نسبت حاصل ڪريو جو توهان محبوب ڪريم ﷺ کي ويجها ٿي وڃو.

دوستو هيءَ محفل ڏوهہ بخشائڻ جي لاءِ آهي، هيءَ محفل توهان اسان گنهگارن لاءِ شفاعت جو ذريعو آهي، توهان اسان گنهگارن لاءِ نجات جو ذريعو آهي، ڪيئن ڀلا؟ محبوب ڪريم ﷺ چون ٿا، تون گنهگار بہ آهين، تو

۾ معاشري جون سڀ بيماريون بہ آهن، تو ۾ سڀ انڪاريون بہ آهن، پر تون منافق نہ آهين، محبوب ڪريم ﷺ جي حديث آهي تہ:

**”مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ صَلاَةً وَاحِدَةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ عَشْرَ صَلَوَاتٍ وَحُطَّتْ عَنْهُ عَشْرُ خَطِيئَاتٍ وَرُفِعَتْ لَهُ عَشْرُ دَرَجَاتٍ“**

(الراوي: حضرت انس بن مالڪرضہ رواہ الامام احمد (11587) والنسائي (1297)

**”جيڪڏهن تو مون تي هڪ دفعا درود پڙهيو تہ تنهنجا ڏھ گناہ بخش ڪيا ويندا، ڏھ نيڪيون ڏنيون وينديون، ڏھ تنهنجا درجات بلند ٿيندا.“**

درجات ڪهڙا؟ جيئن آفيسريون هونديون آهن، پهريون گريڊ، ٻيو گريڊ، پنجون گريڊ، اٺون گريڊ، ڏهون گريڊ، ائين توکي گريڊ ملندا، ڪهڙا گريڊ ملندا؟ شفاعت جا گريڊ، اولياء الله جي فهرست ۾ شامل ٿيڻ جا گريڊ، تنهنجيون وکون انهيءَ طرف وينديون جتي اولياء اڪرامن جون فهرستون نهن ٿيون، جتي انهن صالحين جي، ڪاملين جي، عارفن جي فهرست ۾ توکي شامل ڪيو ويندو، جيئن جيئن تون ڪثرتِ درود ڪندو ويندي تنهنجيون وکون تنهنجا درجات انهيءَ طرف ويندا رهندا ۽ تو جيڪو گناهن جو ذخيرو گڏ ڪيو آهي انهي مان ڇوٽڪارو ٿيندو ويندو ۽ ان جي جڳھ تي نيڪين جو ذخيرو گڏ ٿيندو ويندو.

دوستو هيءَ ميلاد مصطفيٰ ﷺ ڇا آهي؟ هيءَ آمد مصطفيٰ ﷺ جي خوشي آهي، هيءَ نسبت ڪهڙي هستيءَ سان آهي؟ محبوب ڪريم ﷺ سان نسبت آهي، ان ڪانپوءِ هن ۾ ڇا ٿو ڪيو وڃي؟ هن ۾ خالي تقريرون ڪو نہ ٿيون ڪيون وڃن پر هن ۾ عملي ڪم ٿو ڪيو وڃي، ڪهڙو عملي ڪم ڪيو ٿو وڃي؟ ڪهڙي عملي ڪم جي لاءِ توهان کي دعوت پهچائي ٿي وڃي ۽ انهي دعوت جي لاءِ توهان کي آماده ٿو ڪيو وڃي تہ اچو هيءَ محفل صرف ائين نہ آهي جو ڪاڏو پيتو هليو ويو نہ، هن ۾ ويهي ٻڌو هن ۾ نسبت جي انهي قطار ۾ ويهو نسبتون پنهنجيون شامل ڪريو ۽ ڪوشش ڪريو تہ ڪثرتِ درود وارا ٿي وڃو، ڇا جي لاءِ ڪثرت درود وارا ٿي وڃو؟ منهنجا محبوب ڪريم ﷺ چون ٿا تہ، جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ آئون توهان کي ويجهو ٿيا، جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ آئون محمد ﷺ جيڪو مقام شفاعت تي موجود آهيان، جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا تہ



منهنجي توهان کي شفاعت ملي، توهان چاهيو ٿا تہ منهنجي توهان کي راحت ملي، آئون توهان کي اهڙو ڪم ٻڌايا جنهن ۾ الله سائين بہ پنهنجي مخلوق سان انهيءَ ڪم ۾ شامل آهي، الله سائين پنهنجي محبوب تي پنهنجي ملائڪن سان گڏجي درود پڙهي ٿو پر ائين خالي پاڻ ڪو نہ ٿو پڙهي پر دعوت ٿو ڏئي، "اي مسلمان مومن" منافق جي لاءِ دعوت ڪونهي، مرتد جي لاءِ دعوت ڪونهي، منهن موڙڻ واري لاءِ دعوت ڪونهي، بي ادب جي لاءِ دعوت ڪونهي، پر "مومن" جو اکر استعمال ڪيو ويو آهي، مومن ڪهڙو محبت وارو جنهن جي نبي ڪريم ﷺ سان محبت هجي، يقينن توهان کي محبت آهي، توهان جي اندر ۾ ڪٿي نہ ڪٿي عشق مصطفيٰ ﷺ آهي، توهان جي ڪنهن نہ ڪنهن رڳ ۾ سرورِ عشق آهي جنهن توهان کي هتي آندو آهي، اڄ توهان ادب سان ويٺا آهيو، توهان احترام سان ويٺا آهيو ۽ توهان پنهنجي محبوب جون ڳالهيون پيا ٻڌو، محبوب جون واڪاڻون پيا ٻڌو، توهان پنهنجا ڪن کولي ٻڌو پيا ۽ توهان جي ڪنن کان سڪون توهان جي دل تائين اچي پيو، توهان جو قلب معطر ٿئي پيو، توهان جو قلب راحت محسوس ڪري پيو، توهان جي قلب ۾ سرور اچي پيو، توهان تي هڪڙي ڪيفيت تاري ٿئي پئي، توهان جي ذهن ۾ برائين جيڪو آستانو ٺاهي ڇڏيو آهي، اهو آهستي آهستي ختم پيو ٿئي ۽ توهان انهي پاسي اچو پيا جتي توهان جي دل پئي چئي تہ اڄ هن محفل ۾ ويهي اسان هميشہ جي لاءِ گناهن کان توبھ طائب ٿيون، اڄ اسان هن محفل ۾ ڪيئن بہ آيا آهيون، پر انهيءَ عهد ۽ پيماني سان اٿون تہ گناهن کان پري ٿينداسون، يقينن شفيع المذنبين جيڪو سردار المرسلين آهي ان جي مهابي اسان کي شفاعت ضرور ملندي، انشاء الله ملندي، پر اڄ هتان کان ويندا سون تہ گناهن کان پري پجنداسون، پر اسان جي هٿن ۾ قلندرين واريون تسبيحون بہ هونديون ۽ اسان درود پڙهنداسون ۽ اسان هنن دوستن وانگر درود پاڪ جو ڪم بہ ڪنداسون، در در وڃي ماڻهن کي منٿون بہ ڪنداسون تہ اڄ اسان کي سڀ ڪجھ مليو اڄ اسان کي سڀ ڪجھ ٻڌايو ويو آهي، اڄ قلندرين اسان کي فلسفو ٻڌايو آهي، اڄ هنن اسان کي عشق جو جام پياريو آهي، هاڻي اسان جو ذهن ئي ڪو نہ ٿو ٿئي تہ اسان گناهن جي طرف وڃون، اسان اڄ انهيءَ بدڪرداري طرف وڃون، انهن ڪمن ڏانهن وڃون جيڪي معاشري جا بدڪردار ڪم آهن جن اسان کي منجهائي ڇڏيو آهي اسان انهن ڏي

وڃون، اڄ اسان هن محفل مان اٿنداسون ته انهيءَ ڪثرتِ درود پاڪ جي ملڪيت سان گڏ اٿنداسون.

دوستو! توهان يقينن منهنجي ڳالهه کي سمجهيا هوندا، دوستو درود پاڪ کي پنهنجي لاءِ آخري هٿيار سمجهو اُهو آخري هربو سمجهو جيڪو توهان جي لاءِ راهِ نجات آهي، توهان جي گناهن لاءِ معافي نامو اٿئو توهان جي صحت کي تندرست ڪرڻ جو راز انهي ۾ اٿئو توهان جون بيماريون ختم ڪرڻ جو راز انهي ۾ اٿئو مسڪين مان امير ٿيڻ جو راز اٿئو محتاجي کان بچڻ جو راز انهيءَ ۾ اٿئو.

دوستو! توهان ائين نه سمجهو ته سيڪو ڪو قلندري آهي، ڪو بگهڙ، شينهن نه ٿو ٿي سگهي، بگهڙ بگهڙ ٿيندو آهي، بگهڙ کي حرام خوري ايندي آهي، ان کي حرام جي شيءِ تي مزو ايندو آهي، هو ڪوشش ڪندو آهي ته مونکي ڪنهن جي ڪا ماريل شيءِ ملي وڃي آئون کائي وڃان، سيڪو ائين ناهي هوندو، سيڪو پير ناهي هوندو، سيڪو اولياء الله نه هوندو آهي، سيڪو سچو ناهي هوندو، اڄڪلهه ڪنهن پيسٽي سائيڊ واري کان پڇندا ته اهو ٻڌائيندو ته اسان جي ڪمپني جي نالي ۾ ٻيون به ميڊيسن هلن پيون، ڪنهن ميڊيڪل اسٽور واري کان پڇندا ته نائنٽي پرسنٽ دوائون به نقلي، ائين پير به نقلي، ائين صوفي به نقلي، ائين وري قلندرين جي نالي سان به نقل پائي هلي پئي، پر حقيقي شيءِ سچ جيڪو سچ هوندو اهو هر طرح سان عيان هوندو، ڪردار ۾، اخلاق ۾، صورت ۽ شڪلين ۾، محفلن ۾، تقريرن ۾، ذڪر ۾ هر طرح سان سچ جيڪو سچ هوندو، تنهن ڪري سچ کي ڳولهيو، الله سائين به سچ آهي، منهنجو محبوب به سچ آهي، صوفين چيو ته ڳولهيو پنهنجي رب کي ڳولهيو ان جي محبوب کي ڳولهيو ان جي محبوبيت تائين پهچو ان جي محبوبيت تائين ڪيئن پهچو؟ عارفن جي واٽ وٺو ڪنهن صالحين جي واٽ وٺو، ڪنهن ڪاملين جي واٽ وٺو ته انهيءَ محبوبيت تائين پهچو انهي تائين پهچڻ لاءِ اسان کي اويسيت حاصل ڪرڻي پوندي، اسان کي اويسين وارو رستو وٺڻو پوندو، حضرت اويس قرنيرح محبتون اختيار ڪيون، دنيا کي انهيءَ طلاق ڏني، اسان کي دنيا کان لاتعلق ٿيڻو ڪونهي، اسان تي پنهنجي ٻارن ٻچن پاڙي وارن جا حق آهن، پر خواهشن ۾،



تمنائن ۾ اسان کي دنيا کي طلاق ڏيڻي پوندي، اسان کي پنهنجي نفس کي سمجهائڻو پوندو اي نفس تون گهڻو ئي ٿلهو متارو ٿيو آهين اڄ ته اڄ توکي اسين سنهو ڪيون، پنهنجي انهيءَ نفس ظالم سان وڙهه، ويڙهه ڪر ته انهي فورم تي ويڙهه ڪر، ڪهڙي فورم تي؟ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي فورم تي ويڙهه ڪر، ويڙهه ڪر انهيءَ ظالم نفس سان، ڪهڙي شيءِ سان ويڙهه ڪر؟ ويڙهه ڪر ڪثرتِ درود پاڪ جي هٿيار سان، جيتوڻيڪ:

صُمٌّۢ بُكۡمٌ عُمۡىٌ فَهُمۡ لَا يَرۡجِعُوۡنَ ﴿۱۸﴾ سورت البقره.

اسين ٻوڙا، انڌا، گونگا آهيون، اسين ڪجهه ڪو نه ٿا سمجهون، پر اسان وٽ ڪثرتِ درود پاڪ جو ڏنڊو هٿ ۾ آهي، اسين انڌا آهيون پر انهي ڪثرتِ درود پاڪ جو ڏنڊو ڪڻي هن معاشري ۾ هلون گهمون ٿا، اهو ڪثرتِ درود پاڪ جو ڏنڊو ڪڻي نڪر، اهڙا ڪيئن نوجوان توهان جي انتظار ۾ آهن، وڃ اهڙا هزارين نوجوان تنهنجي انتظار ۾ آهن جيڪي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پڙهڻ چاهين ٿا، ان جا ذهن وڃي واش ڪر، انهن جا ذهن ماڻهن ڦٽايا آهن، ڪن مطلب جي لاءِ، ڪن خيرات جي ماني لاءِ، ڪن في سبيل الله جي چڪر ۾، ڪن ڪوڙن واعدن جي لاءِ، اسان وٽ ڪوڙو واعدو ڪونهي، اسان وٽ محبوب جو سڏ آهي، جيڪڏهن شفاعت آهي ته محبوب جي شفاعت آهي، جيڪڏهن توهان جي قلبن کي راحت بخشيندو ته منهنجو محبوب ڪريم ﷺ بخشيندو، اسين گنهگار آهيون، محبوب ڪريم ﷺ جي در جي ٻانهيءَ جا ٻار، اسان وٽ ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه ڪونهي، اسان وٽ ڏيڻ لاءِ اِهو ئي هو جيڪو توهان کي اسان ٻڌايو، هاڻي اچو مونسان عهد ڪريو، هن پنڊال ۾ ويهو، هيءَ ادبن جو پنڊال آهي، هن پنڊال مان پڇندو اهو آهي جيڪو شيطان هوندو آهي، ان کي ڪتڪوڪليون ٿينديون، توهان ادب وارا آهيو، هاڻي اچو ته انهي محبوب ڪريم ﷺ جي چائنٺ تي هلون، گڏجي درود پڙهون.

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ“

ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرتِ درود پاڪ سانگي ڦراهو
(سائين سمن سرڪاررح گروپ) تاريخ : 01_11_2019

# دُرود پاڪ محبت جي انتها آهي

اَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! مونکي ڪنهن الله واري چيو تہ توهان تي شيون ڏنيون آهن، مون چيو سائين تي ٿو سگهي پر اسان جو ايترو علم ڪونهي، اسان جو علم محدود آهي، اوهين الله وارا آهيو اوهان جو لامحدود علم سان واسطو آهي، اُهو لامحدود علم توهان جي رب جو اسان جي رب جو آهي، اهو لامحدود علم رب پنهنجي محبوب کي عطا ڪيو ظاهري تہ امي پر ظاهري باطني سڄي دنيا جون اهي سڀ زمينون هجن يا آسمان هجن هر طرح جو علم منهنجي محبوب کي عطا ڪيو ويو توهان جو بہ واسطو انهن سان، توهان جون بہ محبتون انهن سان، دوستو جن جن جو جنهن درسگاهہ سان واسطو هوندو جنهن استادِ محترم سان واسطو هوندو جن جي جنهن استادِ محترم سان صحبت هوندي تہ انهن کي بہ ضرور اهي سبق اسباق، اُها معرفت، اُهي راز و نياز جون خبرون وقتن بہ وقتن هنن کي پونديون هونديون، مون چيو سائين توهان ٻڌايو ڪهڙيون تي شيون آهن جيڪي اسين لاعلم سمجهي ڪو نہ ٿا سگهون، چيائين اهي تي شيون الله سائين جا هٿيار آهن، اها الله سائين جي فوج آهي، اهي ڏينهن رات ڪم پيو ڪن، تہ آئون منجهي ويس تہ الله سائين جي تہ سڄي ڪائنات آهي، جيڪي هر روز اسان جي اڳيان وقتن بہ وقتن گذرن ٿيون، جيڪي سفر ۾ آهن، جيڪي قيامت تائين سفر ڪنديون رهنديون، بزرگ چيو هڪ اها فوج جيڪا پيءُ منجهان ماءُ ۾ منتقل ٿي رهي آهي جيڪا روا دوان آهي، ٻي اها جيڪا ماءُ جي پيٽ مان ڌرتي ڏانهن روان دوان آهي، معنيٰ اها ڌرتي تي اچي پئي ڪنهن نہ ڪنهن ذريعي، اهو حيوان هجي، انسان هجي ڪو بہ جاندار جنهن ۾ ساهہ هجي، ٽئين اها جيڪا زمين کان قبر ۾ وڃي رهي آهي، انهي برزخ ڏانهن، انهيءَ محشر ڏانهن اِهي ٽئين شيون هر وقت جاري آهن، انهن تي غور فڪر ڪيو، سڄا ڳي ڪريو.



منهنجا دوستو! خانہ ڪعبت الله کي، الله وارا چون ٿا تہ اهو مقام عبادت آهي، ڇا آهي؟ مقامِ عبادت، الله سائين چيو تہ اهو ڪعبت الله منهنجو گهر اهو مقامِ عبادت آهي، وري منهنجي محبوب جو گهر انهي کي عاشق ڇا ٿا چون؟ انهي کي عاشق چون ٿا مقامِ محبت، منهنجي محبوب جو شهر مدينو اهو ڇا آهي؟ اهو مقامِ محبت آهي، چون ٿا تہ آخري دور ايندو، قيامت ايندي، سڄو جهان فنا ٿي ويندو، خانہ ڪعبت الله کي بہ کنيو ويندو ۽ آسمان ملائڪ فرشتا ملڪ الموت کي بہ موت ايندو سڄو جهان جيڪو توهان ڏسو ٿا اهو سڀ ختم ٿي ويندو پر چون ٿا تہ گنبذ خضرا پنهنجي جڳهہ تي برقرار رهندو، چو تہ انهي جي ٽڪري کي رياض الجنت چيو ويو آهي، معنيٰ جنت جو ٽڪرو، انهي ٽڪري کي الله سائين زمين جو ٽڪرو ڪو نہ ڪيو آهي، ان کي الله سائين آسمان جو ٽڪرو ڪو نہ ڪيو آهي، پر ان کي رياض الجنت جنت جو ٽڪرو سڏيو آهي.

دوستو درود پاڪ ڇا آهي، ماڻهو پڇن ٿا ڇا آهي، جيتوڻيڪ منهنجي محبوب ڪريمﷺ جون چاليهہ حديثون آهن ۽ الله سائين جو فرمان آهي، اسان چئون ٿا تہ درود محبت جي انتها آهي، ڪيئن انتها آهي؟ سڀ محبتون، شاعرن پنهنجيون محبتن ڪيون هونديون، دنيا وارن مجني جي روپ ۾، ماروي پنهنجي ملڪ جي روپ ۾، سهڻي، سسئي، گهڻن عاشقن پنهنجي پنهنجي روپ ۾ محبتون ڪيون هونديون پر درود محبت جي انتها آهي، ڪيئن انتها آهي، جڏهن الله سائين پاڻ ٿو فرمائي:

”اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ۭ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا“

(سورت الاحزاب 33، آيت نمبر 56)

تہ معنيٰ انتها ٿي وئي نہ، جيڪو الله سائين پاڻ پنهنجي محبت سان، پنهنجي ملائڪن ۽ فرشتن سان محبوب تي درود موڪلي پيو ۽ اسان کي دعوت پيو ڏئي، اسان کي همٿائي پيو تہ هن آخري دور جا منهنجي محبوب ڪريمﷺ جا امتي منهنجي هن عمل ۾ شامل ٿيو آئون خالق آهيان، آئون احد آهيان، آئون صمد آهيان، پر پنهنجي مخلوق سان انهي عمل ۾ گڏ شامل آهيان، تہ توهان سمجهو تہ درود محبت جي انتها آهي.

دوستو! هيءُ جيڪا هتي توهان دوستن جي صف بندي ڏٺي، هيءَ منظم طريقي سان انعامات، ڪجهہ دنياوي رواج بہ آهن، ڪجهہ سسٽم آهن، پر

هيءُ چا آهي، هي مقامِ محبت کي حاصل ڪرڻ جا هربا آهن. مقامِ محبت ۾ حصو ۽ ونڊ ونڊ جو هڪڙو طريقو آهي، هيءُ نوجوان دوست، هيءَ ڪي اهي دعوتون نہ آهن جيڪي مسجد ۾ اعلان ٿين تہ في سبيل الله جي اچي دعوت کائو خيرات کائو، هيءُ اهي دعوتون ناهن پر هي دوست جيڪي هتي آيا آهن اهي باقاعدا سڄو سال انهي درود جي ڪم سان واڳايل آهن. 360 ڏينهن انهن جو اُهو ڪاروبار آهي، اُهي وڃن ٿا ڳوٺن ۾، ڪاليجن ۾، اسڪولن ۾، پاڙي ۾، بازار ۾ جنهن بازار ۾ فتنا آهن انهي بازار ۾ بہ هي دوست ثابت قدم ٿي وڃن ٿا. پوءِ اهو دوست کهڙي بہ ڪم سان آهي، ان جو کهڙو بہ ڪاروبار آهي پر اهو دوست ڪوشش ڪري ٿو پنهنجي انهي ساڳئي ڪاروبار واري دوست کي بہ آڻي ٿو. جيڪڏهن اسان جو دوست اسڪول ۾ آهي تہ پنهنجي انهي اسڪولي هم ڪلاس واري کي آڻي ٿو. جيڪڏهن ڪو ماستر آهي تہ ماستر کي آڻي ٿو. جيڪڏهن استاد آهي تہ پنهنجي شاگرد کي چئي ٿو تہ تون دُرود پاڪ پڙهہ تہ تون سپاٽي نافرمان ڪو نہ ٿيندي، تون پنهنجي مائٽ جو بہ فرمانبردار ٿيندي تہ مون استاد جو بہ فرمانبردار ٿيندي، اڄ انهن دوستن پنهنجي استاد کي بہ اهميت ڏني جيڪا هڪڙي استاد جي اهميت آهي.

دوستو! اسان قلندري جيڪي پنهنجو پاڻ کي صوفي ٿا سڏايون، آئون توهان کي بار بار ٿو چوان تہ توهان اسان کي انهن جاهل صوفين سان نہ ملايو. انهن جاهل صوفين سان اسان جو واسطو نہ ڪريو. اسان عملي صوفي آهيون. اسان علم وارا صوفي آهيون اسان صوفين کي ڄاڻون ٿا. هڪڙو علم جي ذريعي ٿو ڄاڻي پيو روحانيت جي وسيلي ڄاڻي ٿو. هڪڙو علم جيڪو مولانا رومي علم جي ذريعي علم حاصل ڪيو. پوءِ شمس تبريز جهڙي هستيءَ جي ڪري انهي روحانيت حاصل ڪري اهو صوفي ٿيو. پهرين خالي هو پوءِ مولانا رومي ٿيو. اها مثنوي رومي جيڪا هر ڏاهي ماڻهو پنهنجي ٻولي ۾ ترجمو ڪري پڙهي، مولانا رومي جي اها مثنوي تڏهن ٿي جڏهن انهي علم ۾ عشق شامل ٿيو. اسان جي ڪوشش آهي تہ توهان جي علم ۾ عشق جا داڻا پريون. اهو عشق نہ جيڪو عام جام آهي، عشق کي ڪو ماڻهو ڪيئن ٿو چئي ڪو ڪيئن ٿو چئي، ڪو فنڪار ڪيئن ٿو ڳائي، ڪو اداڪار ڪيئن ٿو ڳائي، ڪو فلاسافر، ڪو محقق، ڪو دانشور ڪيئن ٿو سمجهي، پر صوفي قلندري



عملي ماڻهو انهيءَ عشق کي ٻئي انداز ۾ سمجهائين ٿا. بيان بہ ڪن ٿا. عمل بہ ڪن ٿا. عمل ڪرائين بہ ٿا ۽ اِها واٽ خالي ڳالهين ۾ نہ پر اها واٽ توهان جي روح سان پيئائين ٿا اهو رنگ توهان جي روح منجهہ آڻين ٿا. جڏهن رنگ توهان جي روح ۾ اچي ٿو تہ توهان جي روح ۾ انسانيت بہ اچي وڃي ٿي، جيڪو شرم حيا اسان انسانن کي هجي اهو بہ اچي وڃي ٿو. پوءِ توهان ۾ اها مسلمانيت اها ايمانيت بہ اچي وڃي ٿي، پوءِ توهان ۾ محبوبيت بہ اچي وڃي ٿي، پوءِ توهان ۾ صوفيت اچي وڃي ٿي، پوءِ توهان ۾ اويس قرني واري اويسيت بہ اچي وڃي ٿي، پوءِ توهان ۾ لعل قلندر واري قلندريت بہ اچي وڃي ٿي، جڏهن اهي سڀ سودا. جڏهن اهي سڀ واپار توهان ۾ معجزن ٿين ٿا تہ اهو وقت جو لعل قلندر ٿي ٿو وڃي، اهو بابا سائين احمد علي ٿو ٿي وڃي، جيڪو توهان جي هنن واڻن ۾ پٽڪندي ڦرندي هوڪا ڏيندي توهان هڪڙو مست ملنگ ڏٺو هوندو اهو سائين محمد علي جهڙو مجاهد ٿي ٿو وڃي، دنيا هن کي سمجهيو هوندو تہ بلوچ آهي، هڪڙي قوم جو آهي، حضور ڪريم ﷺ سان هن جي محبت آهي، پر انهي اک سان هن کي ڪو نہ ڏٺوسون، سمجهيو سون تہ انسان آهي، مسلمان آهي، صوفي آهي، وڏا وار اٿس، ٽوپي پائي ٿو، اچي ٿو ماڻهن کي سمجهائي ٿو دعوت ڏئي ٿو پوءِ ماڻهن مان ڪو هن کي تعنو ڏئي ٿو ڪو مهڻو ڏئي ٿو. دوستو هو پنهنجو پاڻ ۾ هڪڙي يونيورسٽي هو. هو پنهنجو پاڻ ۾ هڪڙي وڏي درسگاهہ هئي، وڏو علم هو. هن ۾ وڏو هڪڙو راز هو. وڏي قلندريت لڪل هئي، هڪڙي وڏي محبوبيت ان جي اندر ۾ سمايل هئي، اهي سڀ شيون جڏهن گڏ ٿين ٿيون تہ وڏي هڪڙي درسگاہ ٿي نهي، وڏو هڪڙو روحاني مڪتب ٿو جُڙي، جڏهن ان وٽ ڪو دوست پڙهڻ ٿو اچي تہ اهو اعليٰ دوست ٿيو ٿو وڃي، انهي دوست جي ذهنيت چينج ٿي وڃي ٿي، هڪڙي دوست جي پيسٽي سائيڊ ۾ هوندي ان جي ذهنيت چينج ٿي وڃي ٿي، هڪڙو دوست پنهنجي ڪاروبار انهي منصب تي هوندي ان ۾ عاجزي اچي وڃي ٿي، دوستو اِها تبديلي انهي مڪتبِ فڪر ۾ اچي ٿي، اِها تبديلي انهي يونيورسٽين ۾ اچي ٿي جن يونيورسٽين ۾ لعل شهباز پڙهيو. جن يونيورسٽين ۾ بابا سائين احمد علي پڙهيو. بابا سائين احمد علي بہ ايڪويهين گريڊ جو آفيسر هو. پر بابا سائين سان ڪو پٽيوالو بہ ملندو هو تہ بابا سائين ان جو بہ مٿو چمندو هو. هٿ چمندو هو. انهي پٽيوالي کي بہ خبر ڪو نہ پوندي هئي تہ آئون هيڏي وڏي بالا آفيسر سان پيو ملان، انهي پٽيوالي جا بہ احساس مجروح ڪو نہ ٿيندا هئا. ڪڏهن بہ الله وارو ڪنهن جا احساس مجروح ڪو نہ ڪندو. ڪڏهن بہ ڪنهن کي تعنو ڪو نہ

هٹندو هزارين عيب بہ جيڪڏهن هن جي سامهون هوندا الله وارو ڪڏهن بہ جيڪو انهن يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ هوندو اهو ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪو نہ چوندو تہ تون غير مسلم آهين، تنهنجو فلاڻو فرقو آهي، تون اسان وٽ ڇو آيو آهين، تون اسان وٽ آيو آهين مرحبا، اسان جو محبوب جنهن تي اسان ڪلمو پڙهيو آهي اهو رحمت العالمين آهي، اهوئي سڄي ڪائنات جي لاءِ رحمت آهي، انگريزن، عيسائين، يهودين ٻيا بہ جيڪي غير مسلم آهن انهن بہ اسان جي محبوب ڪريمﷺ کي استادِ عظيم ڪري مڃيو آهي، الله سائين تہ چيو آهي "خلق الانسان" سڀني انسانن جون خوبيون منهنجي محبوب ڪريمﷺ ۾ آهن، پر ٻيا جيڪي پنهنجو پاڻ کي ڪميونسٽ چون ٿا، لاديني چون ٿا اهي بہ چون ٿا تہ اها هستي جنهن کي توهان انسان ئي ڪٿي ڪوٺيو پر انهيءَ جون خوبيون، انهيءَ جو ڪردار جن کي انهن پڙهايو، جيڪي بہ محبوب ڪريمﷺ جا ساٿي رهيا جن جي بہ محبوب ڪريمﷺ سان صحبت ٿي، اڄ تاريخ شاهد آهي تہ انهن جون هزارين ملڪن تي فتح يابيون ٿيون، انهن جون حڪمرانيون ٿيون، نہ انهن وٽ ان وقت ڪو هٿيار هو، نہ انهن وٽ انهي وقت ايٽم بم هو، پر اها محبت جي گفتگو هئي، غير مسلم سان بہ محبت، اهي غير مسلم بہ آماده ٿيندا هئا محبوب جي انهيءَ ڪردار تي، بلال حبشي بہ هڪڙو غلام هو مسلمان ڪو نہ هو، حضرت عمر بہ انهي وقت مسلمان ڪو نہ هو، حضرت ابوبڪر بہ انهي وقت مسلمان ڪو نہ هو، حضرت عثمان غني بہ انهيءَ وقت مسلمان ڪو نہ هو اهڙيون ٻيون بہ ڪئين هستيون جيڪي مسلمان ڪو نہ هيون، پر ابوسفيان جيڪو منهنجي محبوب ڪريمﷺ جو دشمنِ اول هو انهيءَ کي بہ ايمان آڻڻو پيو، انهيءَ کي بہ مڃڻو پيو، انهي کي بہ اهو چوڻو پيو تہ محمدﷺ الله جو رسول آهي، پر منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي دلي سخاوت جيڪا ڏسو اها مائي هند جنهن محبوب ڪريمﷺ جي پياري چاچي حضرت امير حمزه جيڪو محبوب ڪريمﷺ کي حد کان وڌيڪ پيارو هو پر جنهن انهي جي بي حرمتي ڪئي انهي کي بہ محبوب ڪريمﷺ معاف ڪري ڇڏيو ڏسو منهنجا محبوب ڪريمﷺ کي ڪيڏا معاف ڪندڙ ڪيڏا درگذر ڪندڙ آهن، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جو ڪردار مثالي ڪردار آهي.

دوستو روز هيڙيون اسان جون محفلون آهن، روز پنجاهہ پنجاهہ سٺ سٺ منٽ ماڻهن سان مٿو ٿا هڻون پر ڊيوٽي آهي، اسان هن جو پگهار وٺون ٿا، اسان ان جو سلو وٺون ٿا، اسان اتان کان TA_Da وٺون پيا، جيڪڏهن دنيا جي سڄي



ملڪيت گڏ ٿئي تہ بہ اسان پنهنجي ملڪيت مان انچ بہ دنيا کي نہ ڏيون، اسان کي جيڪا ملڪيت ملي پئي جيڪڏهن جهان وارا ملي اسان کي بادشاهيون ڏين تڏهن بہ اسين محبوبيت جي گلاب جو ننڍڙو ذرو بہ نہ ڏيون، ايڏي هيءَ محبوبيت آهي، ايڏي هيءُ توجہ آهي، ايڏو هيءُ مان مرتبي واريون شيون آهن، اِهي شيون هيون تڏهن سائين قاسم شاه رح بہ هستي ٿي، هن جو ڏاڏو پيرانِ پير دستگير هيڏي وڏي هستي ٿي جنهن جو ڪل پيرن تي قدم آهي، هي تڏهن ٿي جڏهن اها محبوبيت حاصل ڪيائون، هنن اهي شيون حاصل ڪيون، هنن خالي واعظ ڪو نہ ڪيا، هنن رڳو خالي تقريرون ڪو نہ ڪيون هونديون، هنن مال ملڪيت ڪو نہ ميڙيا، هنن پنهنجي مفادن کي اڳيان رکي ٻين جي مفادن جا ڪنڌ ڪو نہ مروڙيا هوندا، هنن انسانن کي عزت ڏني هوندي، پنهنجو پاڻ کي هيٺ ڪيو هوندو، پنهنجو پاڻ کي عاجز ڪيو هوندو، ڪو جبي پاڻ سان پٽڪي پائڻ سان وڏو ڪو نہ ٿو ٿئي، معتبر هن جو ڪردار آهي، معتبر هن جو ادب، اخلاق آهي، اسان فقيرن لاءِ ويس ڪا معنيٰ ڪو نہ ٿو رکي، اسان جي لاءِ وڏي ۾ وڏي ڳالهہ اِها آهي تہ توهان قابلِ تحسين انسان ٿيو، توهان معاشري جا هڪڙا عظيم انسان ٿيو اسان چئون ٿا تہ سائين محمد علي جهڙا توهان هزارين ماڻهو ٿي وڃو تہ اسان جو سڄو جهان چينج ٿي وڃي، ماڻهن سائين محمد علي کي سڃاتو ڪو نہ، جن سڃاتو انهن جا ڀاڳ، اسان چئون ٿا تہ اهڙن ماڻهن کي توهان ڳولهيو، توهان جي پاڙي ۾ اهڙا ماڻهو آهن، هيءُ جيڪي توهان جي سامهون صف بندي ڪري آيا ۽ ويا جن انعام پي ورتا اِهي عظيم نوجوان دوست اٿئو ها جڏهن ڪو ابتدا ۾ اسڪول ۾ پڙهندو آهي تہ ٿوريون ٿوريون ڪچايون هونديون آهن سبق پڪي ڪرڻ ۾ ٿورو ٽائيم ٿو لڳي پر پوءِ اُهو سڌري ٿو وڃي ۽ مثالي انسان ٿو بڻجي پوي.

ميلاد مصطفيٰﷺ محفل ڪثرتِ درود پاڪ سائين شاه قاسم جيلاني رح
(ٻهاول زئونر) ڏاڏا سائين عبدالرحمان شاه رح گروپ. تاريخ : 03_11_2019

# روحانيت جي هيءُ حقيقي وات اٿوَ

اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! هن محفل ۾ ويهي عشق ۽ محبت جون ڳالهيون ٻڌو. هڪڙي ڳالهہ جيڪڏهن توهان جي ذهن ۾ ويهي رهي تہ توهان جي زندگي سڌري ويندي، چون ٿا تہ اڳي اهڙا ڪئين جاهل ماڻهو اهي ڏاڙيل جي روپ ۾ هجن يا ٻئي ڪنهن روپ ۾ هجن پر جڏهن انهن جو ڪنهن ڪامل هستيءَ جي پر مان لنگهڻ ٿيندو هو تہ انهن جي ذهنيت چينج ٿي ويندي هئي، هن جو برين واش ٿي ويندو هو. تاريخ ۾ آهي تہ اهڙا ڪئين ڏاڙيل وقت جا اولياء الله ٿي ويا ۽ آئون خاص اسان جي محفل ۾ ويٺل دوستن کي چوان ٿو تہ ٿورو هن پاسي توجہ ڏيو. ٿي سگهي ٿو تہ توهان زندگيءَ ۾ هيڙيون محفلون هيڙيون ڳالهيون ڪڏهن نہ ٻڌيون هجن. هيءَ ڳالهيون توهان کي ٻڌائڻ وارا تمام ٿورا ماڻهو هوندا. هي ڳالهيون توهان جي ذهنن وٽان ٿينديون، توهان جي دلين وٽان ٿينديون، توهان جي روح کي ڇهنديون، توهان جي دلين کي ڇهنديون، توهان جي حال کي ڇهنديون، توهان جي مستقبل کي ڇهنديون، توهان جي صحت کي ڇهنديون، ڪجهہ ڳالهيون توهان کي دل ۾ تڃ ٿينديون، ڪجهہ ڳالهيون توهان جي دل تي اثر انداز ٿينديون، دوستو هيءُ محبت جون ڳالهيون آهن، جيئن اسان جي دوست نعت پڙهي، سچل سائين جو شعر پڙهيو اهو سچل سائين پهرين انسان ٿيو پوءِ مسلمان ٿيو پوءِ صوفي ٿيو پوءِ عاشق ٿي ويو. اهو پيو چئي، ”جنهن دل پيتا عشق دا جام“. عشق اهو فيسبڪ وارو عشق نہ آهي، اهو پنهنجو پاڻ کي ٻاهران سنوارڻ وارو عشق نہ آهي، اها ڪهڙي مام هئي، اهو ڪهڙو عشق هو جيڪو سچل سائين پيتو. اج تائين جيڪي ڪميونسٽ ذهن وارا، نوجوان ذهنيت وارا جنهن کي ڪا بہ خبر ڪونهي، پر جڏهن اِهي الفاظ گونجن ٿا:



## جنهن دل پيتا عشق دا جام

تہ اهي انهيءَ تي رقص ڪن ٿا، ان تي جهومن ٿا. پر انهن کي اِها خبر ڪونهي تہ اِهو عشق جو جام ڇا آهي؟ اهو ڪنهن پيتو ۽ ڪهڙي انداز ۾ پيتو. سچل ڪو اڻپڙهيل تہ ڪو نہ هو. سچل ڪو جاهل تہ ڪو نہ هو. جنهن چيو مون عشق جو جام پيتو آهي، مون ڪيئن عشق جو جام پيتو؟ هن عشق جو جام پيتو. هن کي بہ ٿي سئو سال ٿي ويا آهن پر اڄ بہ هن جا الفاظ گونجن ٿا، اڄ بہ هن جا الفاظ جڏهن گلوڪار، نعت خوان، ثنا خوان جهونگارين ٿا تہ ان جو اثر دلين تي ٿئي ٿو. اسان جي روح تي ٿئي ٿو. اسان جي روح ۾ خوشبو ٿئي ٿي، اسان جي روح کي سڪون ملي ٿو. اسان جي روح کي راحت ملي ٿي، اسان کي ڪا بہ خبر تہ ڪونهي، اسان وانجهيل آهيون، اسان تہ ظاهري محبتون ڪيون، اسان ظاهري عشق ڪيا پر اسان جون روحاني عشق وارو پاسو اڃان تہ خالي پيو آهي، دوستو. انهي روحاني عشق کي ڪٽي، انهي روحاني عشق جي جام کي ڪٽي، انهي ۾ حصو ونڊ جي لاءِ توهان کي دعوت ٿا ڏيون تہ توهان اُهو عشق جو جام پيو. ظاهري جيڪو توهان جي هلي پيو اهو توهان جي مرضي پر توهان هُن منجهان بہ ڍڪ پريو. هن جام مان ڍڪ پريو تہ خبر پوي تہ صورتحال ڇا ٿي ٿئي، اُها صورت ڪيئن ٿي مٿجي، اسين ائين ڪيئن ڪيون، اسين اهڙو ڪهڙو رستو وٺون تہ انهي جام تائين پهچون، انهي عشق تائين پهچو. اسان کي ائين ڪيئن ڪرڻ کپي، اڄ ائين سيکارڻ لاءِ تہ اسين توهان وٽ آيا آهيون، ائين ڪيئن ڪريو. ائين تہ گهڻن ڪيو. ائين تہ پنهنجا مهانڊا ٺاهيا، ائين تہ پنهنجيون شڪليون ٺاهيون، ائين تہ حج بہ ڪيا، ائين تہ وڏيون بندگيون ڪيون، ائين تہ وڏا ظاهري ويس ڪيا پر اهو عشق جو جام تہ ڪو نہ مليو. عشق جو جام تہ ان کي مليو جنهن کي جام مست ڪري ڇڏيو. اهو ائين وارو جام ڪيئن ملي؟ اهو جام ان کي ملندو جيڪو اهو عشق ڪندو جيڪو عشق الله سائين ڪيو. جنهن صورت تي الله سائين عاشق ٿي انهي صورت کي

ٺاهيو. انهي صورت جو عاشق ٿي ويو. انهي صورت کي ڄاڻڻ جي لاءِ ڪري، انهي صورت کي سڃاڻڻ لاءِ، انهي صورت جو راز عيان ڪرڻ جي لاءِ الله سائين سڄي ڪائنات ٺاهي، هيءُ آسمان زمينون ٺاهيا. هيءَ فرش، هيءَ خوبصورتيون، هيءَ سڀ جنت. هي سڀ روپ انهي باعثِ تخليق ڪائنات جي ڪري ٺاهيا ويا.

دوستو! جيڪڏهن توهان منهنجي محبوب تي اٺ اٺ هزار ڏهه ڏهه هزار ويهه ويهه هزار دُرود پڙهيا ته، هي توهان جو جيڪو سڄو ڏينهن هڻ هڻان وارو ڪم آهي نه ميڪ اپ بيوٽي پارلر اهو توهان جي شڪلين ۾ اهو ڪرنٽ پيدا ڪو نه ڪندو. منهنجي محبوب ڪان ڪنهن پڇيو سائين ڪو اهڙو ميڪ اپ آهي، چيائين تون شبِ بيداري ڪر صبح جو تنهنجي چهري ۾ ڪرنٽ ايندو. شبِ بيداري ڪر تهجد پڙهه مون تي وڏ ۾ وڏ درود پڙهه ته صبح جو تنهنجي انهي چهري ۾ ڪرنٽ ايندو. اِهي ميڪ اپن وارا چهرا آهن ٿوري مٽي لڳي ٿورو ڪاڙهو لڳو. بابا ٻاهر ڪاڙهو آهي ڪاڙهو لڳندو اسان جي چهري جي اڇاڻ ختم ٿي ويندي ۽ اسان جي ميڪم رسي ويندي، اسان جو محبوب ته رسي ئي ڪو نه ٿو. اسان جو محبوب ته اسان کي چئي ٿو گنهگار به آهيو. ڪهڙا به آهيو پر جيڪڏهن توهان مون تي هڪ دفعا به درود پڙهيو ته توهان جا ڏهه گناهه معاف، ڏهه توهان کي درجات ملندا. ڏهه توهان کي نيڪيون ملنديون. توهان ڪهڙي به حال ۾ هجو پر منهنجو محبوب چئي ٿو مون تي درود ته پڙهو. مونکي ويجهو ته اچو. منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث جو مفهوم:

”أولي الناس بي يوم القيامة أكثرهم عَلَيَّ الصلاة“

**راوي: عبدالله بن مسعود (ترمذي، الجامع الصحيح، 2 : 354، ابواب الوتر، باب ماجاء في فضل الصلاة علي النبي ﷺ، رقم : 484)**

**”مونکي ويجهي ۾ ويجهو اهو هوندو جيڪو مون تي ڪثرت سان درود پڙهڻ وارو هوندو.“**



چو نه ٿا منهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي ويجها ٿيو. هيءَ توهان پڻڪو پيا، ڪو صحت لاءِ، ڪو بيماري ۾، ڪو عمرون ويو آهي گذاري سائين اسان جي شادي ڪو نه ٿي ٿئي، ڪنهن جي پسند جي شادي ڪو نه ٿي ٿئي اهو به مرض آهي، ڪو چوي ٿو ته مونکي بيماري آهي ڊاڪٽر وٽ هلي هلي ٿڪو آهيان پر بيماري ختم ڪو نه ٿي ٿئي، اِهي سڀ شيون انهي دُرود پاڪ مان چو نٿا وٺو. اچو منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پاڪ پڙهو. ڏسو توهان ۾ ڪيئن ٿي چيجنگ اچي، ڪيئن ٿي توهان جي ذهنيت چينج ٿئي، ڪيئن ٿي توهان جي طبيعت چينج ٿئي، ڪيئن ٿو توهان مان بک ۽ افلاس وڃي، ڪيئن ٿيون توهان جون پريشانيون وڃن، ڪيئن ٿو توهان کي آرام ۽ سڪون ملي، دوستو. اچو درود پڙهو. اسان نه پير آهيون، نه وري اسان فقير آهيون، فقير هوندا آهن جن کي پٽڪا مٽڪا ڳانيون پاتل هوندا آهن پوءِ وري ماڻهن کي ڦريندا آهن، اسان بابا انهن مان ناهيون، اسان پير به ڪو نه آهيون، اسان نقلي صوفي به ڪو نه آهيون، جيڪي صوفين جو جامو پائي پوءِ ماڻهن کي ٺڳين ٿا، اسان صفا ساڌا انسان آهيون، انسانيت جو اسان کي جبو پاتل آهي، اسان جڏهن انسان ٿياسون پوءِ سڄي جهان کي ڏٺوسون ته انهن سڀني انسانن ۾ انسانن جو استادِ عظيم مليو ته اهو محبوب محمد ڪريم ﷺ جي روپ ۾ مليو. چو ته انسانن ۾ اهڙو استاد ڪامل مليو ئي ڪو نه، اهڙو استاد ڏٺوسون ڪو نه. پوءِ جڏهن انهيءَ جو ڪردار ڏٺوسون تڏهن دل سان چيوسون، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ پوءِ وري چيوسون،

أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهُ لَا شَرِيكَ لَهُ وَأَشْهَدُ أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُولُهُ.

ياد رکو! هيءُ واٽ ئي روحانيت جي حقيقي واٽ اٿوَ.

ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ درگاهه سائين قبول شاهه رح ٺارو شاهه (نوشهروفيروز ٺارو شاهه) سائين سچل سرمست رح گروپ. تاريخ: 30_10_2019

# اسان وٽ حق ۽ سچ جو فلسفو آهي

اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

دوستو! اسان جي انجمن غلامانِ قلندر هن مهيني ۾ خاص طور تي ۽ هونئن سال جي عام ڏينهن ۾ به اسان جي انجمن غلامانِ قلندر جو اصول رهيو آهي، ان جو هڪڙو فلسفو آهي، ان جو هڪڙو دستور آهي، ان کي اِهو حڪم آهي ته پنهنجي محبوب جون محفلون مچايو. اُهي شهرن ۾، اُهي ڳوٺن ۾، اُهي خانقاهن تي ۽ خاص ڪري اولياء اڪرامن جي مزارن تي، جڏهن اولياء اڪرامن جي صحبت انهن ماڻهن کي ملي ٿي ته ان صحبت جو رنگ ٿو چڙهي، جڏهن انهيءَ صحبت جو رنگ ٿو چڙهي ته اهو رنگ ايڏو ته بابرڪت رنگ آهي، ايڏو ته خلوص وارو رنگ آهي، ايڏي ته ان ۾ نعمت آهي، ماڻهو ظاهري ڪٽي ڪهڙو به گنهگار هجي، ان ۾ ڪئين عيب هجن، هن معاشري جون ان ۾ بيماريون هجن، پر جڏهن صحبتِ اولياء ان کي ملي ٿي، جڏهن صحبت اولياء ۾ ان جو اچڻ وڃڻ ٿئي ٿو ته تاريخ شاهد آهي ته ڪئين ڌاڙيل ڪئين چور اولياء الله ٿيو ٿا وڃن. دوستو هيءُ ڪم، هيءَ محنت، هيءَ ڪثرتِ درود پاڪ جو تحفو يقينن انهن جو ڪم آهي جن جي صحبت به اوليائن سان آهي، جن جي چاهت به اوليائن سان آهي، جن جي محبت به اوليائن سان جيڪي پيروي به اوليائن جي ڪن ٿا.

دوستو اِها درود پاڪ جي محنت جيڪا توهان وٽ اسان جا دوست سائين محمد علي جي طفيلي، اسان جي ڀين دوستن جي طفيلي ڪيترو اڳ ۾ توهان وٽ اِها محنت پهتي، اِها محنت ڇا آهي؟ دوستو اِها نجات آهي، ڪهڙي شيءِ کان نجات آهي؟ غمن کان، پريشانين کان سورن کان، زميني آسماني عافتن کان نجات آهي، ڪير ٿو ڇئي؟ منهنجو محبوب ڪريم ﷺ ڇئي ٿو منهنجو محبوب ڪريم ﷺ ڇئي ٿو جيڪڏهن توهان پريشان آهيو توهان کي بيمارين وڪوڙيو آهي، ڪهڙيون بيماريون؟ نفساني بيماريون، شهوت جون بيماريون، صحت جون بيماريون، مالي پريشانيون،



تنگيون، پنهنجي مائٽن جون پريشانيون، خاندان جون پريشانيون، مهڻا، طعنا، تنڪا، هيءَ جيڪو سڄو دجالي جهان آهي، خاص ڪري چوڏهين صدي، هيءَ فتنن جو جهان آهي، هن مان جيڪڏهن توهان کي پنهنجو پلاند بچائڻو آهي، جي توهان سمجهو ٿا ته اسان کي عافيت ملي، اسان جي زندگيءَ کي سڪون ملي، انهيءَ فرقي واريت کان، ڇو ته جيڪي اسان جا پير آهن، اسان جا زاڪرين، اسان جو مولوي حضرات، اسان جا ڪئين وڏا سياستدان، اسان جا مبلغ، اسان جا مقرر، اسان جا دانشور نفرت جي ڳالهه ته ڪن ٿا پر محبت جو داستان گهٽ ٿا ٻڌائن، هاڻي ته ڪافي نقلي جهان پيدا ٿي ويو آهي، اهڙي دور لاءِ منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي حديث آهي ان جو مفهوم آهي ته:

**”آخري دور ايندو ان ۾ هڪڙا اهڙا ٽولا نمودار ٿيندا، جيڪي هر شيءِ جا دعويدار ٿيندا، فقيري جا به دعويدار ٿيندا پر اهي عمومن جاهل هوندا پر اهي اسلام جي تشريح ڪندا، اسلام جون معنائون اسان کي ٻڌائيندا، ممبرن تي ويهي اسلام جون تعريفون ڪندا، اسلام جو حليو اسان کي ٻڌائيندا، پر هوندا جاهل.“** (طبراني ڪبير)

انهن جو ڪم ڀيو هوندو، انهن جا شعبا ڪي ٻيا هوندا، پر اهي چاهيندا ته انهي شعبي کي به استعمال ڪجي، پوءِ اُهي دين جي شعبي کي استعمال ڪندا، اهي روحانيت جا به علمبردار ٿي ايندا، پوءِ اهي وڏيون وڏيون ڪهاڻيون وڏا وڏا فلسفا ٻڌائيندا، پر اندر ۾ اُهي ڪوڪلا هوندا، اندر هنن جو ڪوڪلو هوندو، اندر ۾ هنن جي ڪا به ڳالهه ڪو نه هوندي ڇو ته روحانيت جو واسطو روح سان آهي ۽ روح سان ئي روحانيت آهي، روحانيت جڏهن اچي ٿي ته روح چمڪي ٿو ۽ ٻڌڻ وارا به چمڪن ٿا، ٻڌڻ وارن کي سڪون ٿو اچي، پر جيڪڏهن هڪ ماڻهو جنهن کي ڪا به خبر نه آهي، هو دنيا جو ماڻهو آهي، هو ڏسي ٿو ته هيءُ محڪمو خالي آهي، هيءَ ممبر خالي آهي ته هو اچي ان تي مٿي چڙهي ويهي ٿو، هو صوفيت جو نعرو ٿو هڻي.

دوستو! صوفي ڇا آهي؟ صوفي اهو جيڪو تصوف تي عمل ڪري، تصوف ڇا آهي؟ توهان سورت فاتح ٻڌي هوندي، سورت فاتح سڄي تصوف اٿئو

إِيَّاكَ نَعْبُدُ وَإِيَّاكَ نَسْتَعِينُ ﴿٤﴾ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيمَ ﴿٥﴾ صِرَاطَ الَّذِينَ أَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ
﴿٦﴾ غَيْرِ الْمَغْضُوبِ عَلَيْهِمْ وَلَا الضَّالِّينَ ﴿٧﴾

اُهو ڇا آهي، اُهو سچو تصوف آهي، انهي تي عمل ڪرڻ وارا صوفي آهن. چئي ٿو اِهو رستو وٺو جيڪي طراطِ مستقيم تي هليا اُهي ئي صوفي آهن. ان تي عمل ڪرڻ وارن کي صوفي ٿو چئجي، سورت فاتح جي سچي معنيٰ تصوف آهي، هاڻي جيڪڏهن انهيءَ ڪان هٽي ٿو وڃي، هاڻي توهان وڃي ڳولهيو تہ ڪهڙا صوفي جاهل آهن ۽ ڪهڙا انهي تي عمل ڪن ٿا، جن کي فرضن جي خبر ناهي اُهي بہ صوفي ٿا سڏائين. پر اسان انهن کي ڪيئن مڃون تہ اهي صوفي آهن. ها اسان گنهگار آهيون، اسان ڪان فرض قضا ٿي وڃي ٿو اها ٻي ڳالهہ آهي، پر اسان کي انهي فرض کي واپس پڙهڻو آهي، پر اهڙا جيڪي نااهل بغير وضو جي اسٽيج تي اچيو ويهو رهن ۽ چون تہ اسين صوفي آهيون ۽ اسان کي صوفي جون معنائون پيا ٻڌائين، اسان کي تصوف جون معنائون پيا ٻڌائين، بابا پهرين توهان وڃو وضو ڪرڻ تہ سکو تہ وضو ۾ ڪيترا فرض آهن، وضوءِ ۾ بہ سنتون آهن، وضو جا بہ احڪام آهن .

دوستو ياد رکو! منهنجو محبوب ڪريمﷺ ئي سڀ ڪجهہ آهي، اسان هن کي نور چئون.

اللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ.

الله سائين جو نور. الله سائين چئي ٿو اي منهنجا محبوب مون توکي منهنجي نور منجهان پيدا ڪيو آهي، پوءِ تنهنجي ئي نور منجهان مون سڄي ڪائنات پيدا ڪئي، سواءِ خدا جي هو تہ مالڪ آهي خالق آهي منهنجي محبوب جو مٽ نہ ٿيندو، پر محبوب ڪريمﷺ توهان ۽ اسان کي سمجهائڻ لاءِ دنيا ۾ بشريت جو جامو پائي آيا، منهنجي محبوب کي بشريت جو جامو توهان ۽ اسان جي لاءِ پارايو ويو ڇو تہ اسان انسان ٿياسين، جيڪڏهن ملائڪ يا فرشتو اسان ۾ اچي ويهي رهي ها تہ اسان سمجهي نہ سگهون ها ۽ فرشتو اسان جي سورن کي بہ نہ سمجهي سگهي ها، ڇو تہ ان ۾ نفس ڪو نہ هو انهي کي ڪهڙي خبر تہ فلاڻي دوست جو حال ڇا آهي، انهي دوست کي بہ ڪو انسان سمجهي سگهي ٿو ڇو تہ هو بہ انسان آهي تہ هو بہ انسان آهي، هُن جون بہ انساني گهرجون تہ هُن جون بہ انساني گهرجون، هو



هڪٻئي جي گهرجن کي سمجهن ٿا، اسان انسان، انسان کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهون ٿا، پر فرشتو جنهن جي اندر ۾ نفس ناهي هن کي ڪهڙي خبر تہ هڪ انسان گناهہ ڪيئن ٿو ڪري، هڪڙو انسان فحاشي جي طرف ڪيئن ٿو وڃي، هڪڙو انسان جيڪو بي چين آهي پوءِ اهو منشيات ڪيئن ٿو واپرائي، اهو هڪڙو نوجوان انسان ڀٽڪي ڪيئن ٿو پئي، انهن کي ڪيئن الله جي طرف آڻجي، انهيءَ لاءِ الله سائين پنهنجا سوا لک انبيا انسان جي روپ ۾ آندا ۽ انهن جو سردار جيڪو باعثِ تخليق ڪائنات، ان کي پنهنجو محبوب ڪري، ان کي محبوبيت عطا ڪيائين، ان کي مقامِ شفاعت عطا ڪيائين، اسان چوندا آهيون تہ الله سائين اسان جي محبوب کي مقامِ محمود تائين پهچائي، مقامِ محمود ڇا آهي؟ مقامِ محمود آهي مقامِ شفاعت، منهنجا محبوب ڪريمﷺ جڏهن آيا تہ پنهنجي امت جي لاءِ بخشش گهريائون، معراج تي ويا تڏهن بہ پنهنجي امت جي لاءِ بخشش گهريائون، هر دعا بخشش جون صدائون، محبوب ڪريمﷺ کي تڏهن خبر پئي تہ منهنجا امتي انسان آهن، انسان جون وصفون ڇا آهن، انهيءَ ڪري منهنجي محبوب ڪريمﷺ کي اهو انسانيت جو جامو اهو بشريت جو جامو پارائي موڪليو ويو پر تو ۽ منهنجو حق ناهي جو الله جي محبوبيت ۾ پنهنجا فيصلا ويهي ڪيون.

دوستو آئون توهان کي سڀ سمجهائڻ چاهيان ٿو اسان جي محفل ۾ هر فرقي جو ماڻهو اچي ٿو پر اسين فرقي واريت کان ٻاهر آهيون، اسين انهن ماڻهن کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي ڪنهن ٻئي روپ ۾ نہ وٺي وڃجو ڪو ٻيو غلط فعل ڪري ان جو ذميدار انجمن غلامانِ قلندر ناهي، اسان پنهنجو فلسفو توهان کي واضع طرح پيا ٻڌايو تہ اسان جو فلسفو ڇا آهي، اسان منهنجي محبوب جي شريعت جا تابع آهيون، ان جي شريعت اسان تي هاوي آهي، اسان ان جي شريعت کان ڪنڌ ڪيرائڻ وارا نہ آهيون، ها اسان پنهنجو پاڻ کي صوفي ٿا سڏايون، پر جاهل صوفي نہ علم وارو صوفي، منهنجو مرشد لعل شهباز علم وارو صوفي هو ۽ اسان جو حيدر وڏو مرشد تصوف جو امام صاحبِ ولايت، جتان ولايت شروع ٿي ٿئي اهو اسان جو مرشد علي سائين آهي، منهنجي علي سائين کي محبوب ڪريمﷺ چون ٿا.

"أَنَا مَدِينَتُ العِلمِ وَعَلِيٌّ بَابُهَا"

**(حوالو : ترمزي).**

**"آئون علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي".**

پوءِ ڀلا جيڪو علي عليه السلام سان واسطو رکندو، عليه عليه جا نعرا هڻندو، ڇا اهو ڪو جاهل هوندو؟ جيڪو علي عليه السلام کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيندو اهو ڀلا علم کان اڻ واقف هوندو نه. ڪڏهن ٿي ڪو نه ٿو سگهي، سڀئي اولياء اڪرام وڏا عالم هئا. سڀئي اولياء اڪرام اهي پيدا ٿيا جن کي علم عطا ڪيو ويو، جن کي علم مليو ڪنهن کي ورثي ۾ مليو، ڪنهن کي عنايت ٿي، ڪنهن کي عطا ٿي، ڪن پڙهيو پر عطا جيڪا وڏي شيءِ آهي، علم هر ڪنهن بزرگ حاصل ڪيو. پيران پير دستگيررح ظاهري علم حاصل ڪرڻ کانپوءِ به پنهنجي زندگيءَ جا 18 سال روحاني علم حاصل ڪرڻ لاءِ ويا. خواجه معين الدين چشتي رح به پنهنجو ظاهري علم حاصل ڪرڻ کانپوءِ روحاني علم حاصل ڪيو. ائين منهنجا لعل سائين فارسي جا وڏا ڄاڻو هئا. جيئن منهنجو مرشد بابا سائين احمد علي قريشي رح جنهن انگريزي ۾ قرآن شريف جي تفسير ڪئي آهي، توهان ڇا ٿا سمجهو ته اهو ڪو جاهل هو. اڄ اسان جا دوست توهان کي اسان جي ڪتابن جو انهي لاءِ ٻڌائين ٿا ته توهان پڙهو ته توهان کي خبر پئجي ويندي ته قلندري جاهل آهن يا قلندرين وٽ علم آهي. 1994ع ۾ به اسان جو هڪڙو ڪتاب شايع ٿيو هو "نرتؤن منجهان نينهن". وقت جي عالمن مفتين به ان تي نوٽ لکيو هو، اهوئي ڪتاب اڄ به دوستن وٽ موجود هوندو. منهنجيون اِهي شيون توهان کي ٻڌائڻ جو مقصد اِهو آهي ته بابا قلندري ڪو فرقو ڪونهي، قلندري ڪو مسلڪ ڪونهي، قلندري قلندر اڪر مان ٿو اچي، قلندر جو مطلب آهي بي نياز. قلندر اهو جيڪو دنيا کان بي نياز ٿي وڃي، ائين نه ته صفا لاتعلق ٿي وڃي، معنيٰ پنهنجي ٻچن ٻارن کي ڇڏي وڃي نه. حقوق الله ۽ حقوق العباد تي به غامزن هجي، پنهنجي ٻچن ٻارن جا به حقوق پورا ڪري، ڇو ته منهنجا محبوب ڪريم ﷺ تارڪ دنيا ڪو نه هئا. منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جا حرم هئا، ٻچا هئا، ٻار هئا، اولاد هو، قلندر جي معنيٰ آهي بي نياز، مطلب هُن جو ڪنهن دنيا واري ۾ مفاد نه هجي، ائين



نه ته ڪو ماڻهو ٻيچارو مان لهي ۽ اسان سوچيون ته هن مان اسان جو ڪو ڪم نڪرندو اسين هن جي پويان لڳون ڪو مفاد رکون. قلندر بي نياز هوندو آهي، مفاد صرف انهيءَ هڪڙي هستيءَ سان جنهن کي پنهنجو محبوب ٺاهيوسون. صرف الله جي اڳيان سر جهڪندو، صرف انهي مالڪ جي اڳيان سر جهڪندو ۽ محبتون ڪيڏانهن ونديون؟ محبتون ونديون محبوب ڪريم ﷺ ڏانهن. پيروي ڪنهن جي ڪبي؟ پيروي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪبي، پنهنجي دل ڪيڏانهن ويندي؟ انهي محبوب ڪريم ﷺ جي قدمن ڏانهن. دوستو مون اِهي سڀ شيون توهان کي انهي لاءِ ٻڌايو آهن ته اسان جي هن قلندري پليٽفارم کي جيڪي استعمال ٿا ڪن انهن کان توهان پڇو ته فرض ۾ ڪيتريون سنتون آهن، ڪيترا واجب آهن، وضو ۾ ڪيترا فرض آهن اِهو به نهيو ڀلا انهن کان ڇهه ڪلما ته پڇو، توهان هيڏي روحانيت ٿا ٻڌايو توهان پهرين اسان کي ڇهه ڪلما ته پڙهي ٻڌايو. اِهو به نهيو پر توهان اسٽيجن تي اچي ويهو ٿا ڀلا وضو ڪري اچي ويهو ٿا يا ائين ئي بغير وضو جي اچي ويهو ٿا. دوستو اڄ آئون توهان کي انهيءَ ڪري ٿو ٻڌايان ته توهان کي اصليت جي خبر پوي، اسان کان ماڻهو پڇن ٿا ته توهان قلندري، قلندر ته منهنجو شهنشاهه آهي، سڀني جهان وارن جو ان سان ناتو آهي، پر هن فورم کي بابا سائين احمد علي قريشي رح جيڪي منهنجا مرشد رهبر هئا ۽ آهن انهن کي محبوب ڪريم ﷺ وٽان روحاني طرح هڪڙو حڪم مليو ته "اي احمد علي تون وڃ ۽ ماڻهن کي مون تي اجتماعي طرح درود پڙهڻ تي آماده ڪر، اجتماعي طرح درود پڙهاءِ". منهنجي محبوب تي درود ته ڏاڏي آدم عليه السلام کان پڙهيو پيو وڃي، الله سائين ۽ ان جا ملائڪ فرشتا به پڙهن ٿا، جيتوڻيڪ تاريخ ۾ ڪئين اهڙا ماڻهو آيا جيڪي پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ڏهه ڏهه هزار، ويهه ويهه هزار، ٽيهه ٽيهه هزار، پنجاهه پنجاهه هزار به درود پڙهيا، پر" اي احمد علي تون وڃ اڃان به انهي کي وڌاءِ اربن ۽ کربن ۾ وڃي ڪر ۽ ان کي ايڏو ته عام ڪر جو هر ٻچي ٻچي تائين اِهو پهچي". انهي انجمن جو وجود 1988ع ۾ انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ جي نالي بابا سائين احمد علي قريشي رح وڏو بابا سائين ماٺ رهيا، پوءِ سائين محمد علي بادشاهه کي 1988ع ۾ صدر ٺاهي سنڌ ۾ ٿا

موڪلين، تو تي اِهو ڪم آهي تہ تون وڃي ماڻهن کي ٻڌاءِ، جيتوڻيڪ درود پاڪ جي محنت اهڙي ڪا شيءِ ڪونهي جو ڪو ماڻهو ان کان انڪاري ٿي سگهي، هڪڙو تہ الله سائين جو حڪم ٻيو محبوب ڪريم ﷺ جو چاليهہ حديثون آهن.

دوستو! اڄ اسان جي درود پاڪ جي پيغام سان توهان وٽ حاضري ٿي آهي، انهي محبت انهي چاهت سان، اسين نہ فقير آهيون، نہ صوفي آهيون، نہ ئي اسين پير آهيون، نقلي صوفي اسين ڪو نہ آهيون، نقلي پير اسين ڪو نہ آهيون، فقير بہ اسين نقلي ڪو نہ آهيون، اسان انسان آهيون ساڌا سوڌا، پهرين ٿياسون انسان، پوءِ جڏهن انسان ٿياسين تہ اسان ۾ آئي انسانيت، انسانيت اچڻ ڪانپوءِ اسان کي خبر پئي تہ انسان ڇا آهي، پوءِ اسان سوچيو تہ انسان انسان ٿجي، پوءِ انسانن ۾ جيڪا اسان کي بهتر ڪان بهتر ڪوالٽي ملي، آهو اسان کي محبوب ڪريم ﷺ انسان ۾ انسان جي استاد طور مليو، پوءِ اسان محبوب ڪريم ﷺ تي ايمان آندو، پوءِ اسان چيو لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰہِ ﷺ، پوءِ اسان چيو انهي کي اسين ويجها ڪيئن ٿيون، پوءِ اسان الله سائين جو ڪلام ڏٺوسون تہ اسان کي ويجهي ٿيڻ جي اِها ئي شيءِ ملي تہ محبوب ڪريم ﷺ سان محبت ڪجي، پنهنجي جان ان تي فدا ڪجي، پوءِ اسان کي اِها شيءِ ملي،

"اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَبَارِکْ وَسَلِّمْ"

پوءِ اِهو عام ٿي توهان تائين پهتو، هاڻي خاص ڪري اسان جا نوجوان دوستو، توهان جي لاءِ منهنجو پيغام آهي تہ هيءَ اُها شيءِ ناهي جيڪا توهان محفل ۾ ٻڌي وري وساري ڇڏيو، منهنجا پٽ، منهنجا ٻچا، منهنجا اولاد هي توهان سانڍيو، هن تي محنت ڪريو، هيءَ توهان کي ڪنهن نہ ڪنهن وقت ڪم ايندي، هيءَ محنت توهان کي اهڙي هنڌ ڪم ايندي جتي توهان جون ٻيون محنتون توهان کي جواب ڏئي وينديون، توهان جو علم بہ توهان کي جواب ڏئي ويندو، توهان جي جواني بہ توهان کي جواب ڏئي ويندي، توهان جي صحت بہ جواب ڏئي ويندي، توهان جو پيسو بہ جواب ڏئي ويندو، پر هيءَ محنت توهان کي جواب نہ ڏيندي، پر توهان سان گڏ بيهندي، توهان جي صحت جي معاملي ۾، توهان جي تنگدستي جي معاملي ۾، توهان جي



مٿي مائٽي جي معاملي ۾، معاشري جي معاملي ۾، توهان جي مان ۽ مرتبي جي معاملي ۾، هر طرح اُها شيءِ توهان کي ڪم ايندي، اڄ مونسان عهد ڪريو ڪجهہ بہ ٿي وڃي ٿورو ئي ڪٽي، پر تسبيح هڪڙي نہ ڪريو، پر عادت ٺاهيو، غمي هجي، خوشي هجي، شاديون هجن پر هڪ ڏينهن بہ توهان منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي درود ڪان واندو نہ ويهندا، هڪڙو بہ اهڙو ڏينهن نہ گذري جنهن ڏينهن توهان درود نہ پڙهو ڇو تہ هيءُ ئي واحد حق ۽ سچ جو فلسفو آهي.

ميلاد المصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرتِ درود پاڪ نواب شاهہ ٻچوري
(ڀٽائي گروپ). تاريخ:30_10_2019

# فتح هميشه ڪردار ۽ اخلاق جي ٿيندي آهي

أَعُوذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! هيءَ ادبن جي محفل آهي، هن محفل جو هڪ هڪ منٽ، هڪ هڪ گهڙي اسان جي لاءِ قيمتي آهي، هن جي خبر اسان کي سڪرات جي ٽائيم پوندي، قبر جي ٽائيم پوندي، صحت کان وانجهيل بستري تي پوندي، پٽڪيل ۽ تڙپيل انهن روحن کي پوندي، جيڪي جهان جي سيني سهولتن جي هوندي به پريشان آهن، پنهنجي عاليشان بيڊن تي به بي آرامي آهن، انهن کي خبر پوندي ته هيءَ محفل ميلاد ڇا آهي، هيءُ محفلون جن کي قلندري ناز سان ڪثرتِ درود پاڪ جي محفل چون ٿا، ڇو ٿا چون؟ اِهو اسان جو اندازِ فڪر ڇا آهي؟ دوستو، پهرين ته آئون توهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اسين نه ڪي واعظين آهيون، نه فلاسافر آهيون، نه محقق آهيون، نه دانشور آهيون ۽ نه ئي اسان پنهنجو پاڻ کي انهي ڪيٽيگري ۾ آڻڻ چاهيون ٿا، اسان هڪڙا فقير، هڪڙا فقراء، پر انهي فقراء ۽ فقيرن جي روپ منجهه به نقل پائي هلي ٿي، اسان انهن کان به آجا آهيون، اهي صوفي جيڪي ناٽڪ ڪن ٿا اسين انهن کان به آجا آهيون، اهي پير جيڪي پنهنجي مان مرتبي، مال، دولت کي وڌائڻ لاءِ هربا ٿا هلائين اسان انهن کان به پنهنجو پاڻ کي آجو ٿا ڪريون ۽ اسين انهن کان پنهنجو پلاند آجو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ۽ اهو پيغام اسان توهان جهڙن معتبرن ۽ مانائتن دوستن تائين پهچائڻ چاهيون ٿا.

دوستو! صوفين جو استاد ڪير آهي؟ صوفين استاد ڪنهن کي ٺاهيو؟ صوفين جيڪي نظريا هن دور ۾، هن کان سئو سال به سئو سال ٿي سئو سال چار سئو سال جيڪي نظريا پيش ڪيا اهي وقتن به وقتن ختم ٿيندا ويا پر چوڏنهن سئو سال تائين جيڪو نظريو قائم رهيو،



جيڪو مستحڪم رهيو جنهن منجهه استقامت ٿي ان کي غير مسلمانن به سنجيدگي سان ورتو ته اِهو نظريو اِهو اخلاق، اِهو ڪردار جنهن کي الله سائين به پنهنجي قرآن پاڪ ۾ چيو ته. "خلق الانسان"، انسانيت جو سڀ خوبيون انهيءَ هستيءَ ۾ سمايل، اهو "خلق الانسان" جنهن کي اسان قلندري پنهنجو محبوب ٿا چئون پر الله سائين خود محبوب ٿو چئي ۽ صوفي ان هستيءَ کي پنهنجو مرشد ڪري سمجهن ٿا، صوفي ان کي پنهنجون مالڪ ڪري سمجهن ٿا، صوفين جي اها ڪوشش هوندي آهي ته ان جي ڪردار کي اپنائين، صوفين جي اها ڪوشش هوندي آهي ته ان جي اخلاق کي اپنائين، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو اخلاق، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ اخلاق ۾ عظيم آهي، ڪيئن عظيم آهي؟ پنهنجي پيءُ جي روپ ۾، پنهنجي پاڙي وارن جي روپ ۾، جنگ جي هڪڙي ميدان ۾ جيڪي سامهون ٿي ويڙهه ڪن ٿا انهن جي روپ ۾، منهنجي محبوب جي پوري سيرت آهي، منهجي محبوب جي پوري سوانح حيات آهي.

دوستو! آئون توهان کي مختصر وقت ۾ اسان جو ميسج ڏيڻ چاهيان ٿو اهو توهان جي لاءِ سرماياءِ حيات آهي، اهو توهان جي لاءِ سرمايهءِ برزخ آهي، اهو توهان جو سرمايهءِ حشر ۽ محشر آهي، اهو توهان جي نسلن جي لاءِ سرمايو آهي، جيڪو توهان کي واحيات ڪردارن کان بچائيندو، انهن اخلاقن کان جن اخلاقن کان پيءُ پنهنجي پُٽ کان پريشان، هڪڙي فيملي پنهنجي گهر جي ڀاتين کان انهن روپن ۾ پريشان، تعليم ڏيون نه ڏيون انهيءَ وچ ۾ به اسان پريشان، جي ڏيون تڏهن به پريشان، جي نه ڏيون تڏهن به پريشان، اِهي ڪهڙا اخلاقي قدر ٿيا آهن جن معاشري کي بيمار ڪري ڇڏيو آهي، جن معاشري کي مرده ڪري ڇڏيو آهي، هيءَ ڪهڙا صوفي آهن جيڪي هن معاشري کي وري ڪٽڻ چاهين ٿا، انهيءَ معاشري ۾ اهو اخلاقي ويس پارائڻ چاهين ٿا، اهو معاشرو جيڪو ڪري پيو آهي انتهائي پوئتي

هتي ويو آهي، اسان جا ويس ته گهٽائي ڇگا ٿيا، اسان جون سواريون ته جديد ٿيون، اسان جي تعليم ته جديد ٿي، اسان ايڪويهين صديءَ ۾ شامل ٿي وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪيون اسان چيو ته اسان ايڪويهين صديءَ ۾ پهچي وياسون، اسان وڏا معتبر ٿي وياسون، اسان دعوا ڪئي ته اسان چنڊ تي پهچي وياسون، اهو چنڊ ته چوڏنهن سئو سال اڳ ۾ محبوب جي هڪڙي اشاري سان هيٺ پٽ تي ڪريو هو تاريخ شاهد آهي انهيءَ کي سائنس به ثابت ڪيو آهي ته چنڊ ٻن حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي، اهڙيون تاريخي روايتون به ملن ٿيون ۽ سائنس به اهو ثابت ڪيو آهي، اسين صوفي، پنهنجو صوفي ازم توهان کي سائنسي طريقي سان به ٻڌائڻ چاهيون ٿا، فڪري انداز سان به ٻڌائڻ چاهيون ٿا، قرآن شريف جي حوالن سان ٻڌائڻ چاهيون ٿا، منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي حديث سان ٻڌائڻ چاهيون ٿا ۽ تاريخ جي حوالن سان ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته اسان صوفي اٽپڙهيل نه آهيون، اسان صوفي جاهل نه آهيون، اسان پنهنجي نظرئي جي باري ۾ هر طريقي سان توهان کي ٻڌائيندا سين، بحث مباحثي ڪرڻ جا توهان کي خيال ايندا، توهان کي وسوسا ايندا، چو ته وسوسا ته اڇٽا آهن، قرآن شريف الله سائين جو اهو حق جو ڪتاب آهي، انهيءَ ۾ حق اليقين، عين اليقين، ان ۾ سڀ شيون آهن پر توهان اسان جا خيالات انهن ۾ وسوسو ايندو، اسان جي دل ۾ انائيت اچي وئي آهي، هيءَ توهان ڪو نه ٿا ڏسو صوفي، هيءَ هٿ ٻڌڻ، جيڪڏهن اڳواڻ آهي ته اهو به هٿ پيو ٻڌي، اهو وري پنهنجي ڪارڪن کي پيري پئي پيو ڪارڪن پنهنجي اڳواڻ کي پيري پئي پيو، اِهو ڇا آهي؟ اِها اها انائيت آهي جيڪا صوفين ختم ڪري ڇڏي، انهيءَ جون صوفين پاڙون پٽي اڇلي ڇڏيون، ائين نه ته هيءَ اڳواڻ وڏو ڪو معتبر ٿي ويو اڳواڻ به هڪڙي ڪارڪن کي هٿ ٻڌندو، ڪارڪن به هڪڙي اڳواڻ جي اڳيان هٿ ٻڌندو معنيٰ برابري وارو طريقو ٺيڪ آهي هر ڪنهن جون محنتون، مرحبا، منصب پنهنجي



جڳهه تي پر پنڊال ۾ پهچڻ ڪانپوءِ شاه صاحب جي انهي محبتي ميڙي ۾ پهچڻ ڪانپوءِ وري برابري، هڪڙو پروفيسر اتي ويهندو ته ان جو شاگرد به ان سان گڏ اتي ويهندو، هڪڙو پورهيت مزدور اتي ويهندو ته ان جو زميندار به اتي اچي ويهندو، صوفين اِهي دنيا جون اڻ برابري واريون ريتون ۽ رواجون انهن کان لاتعلقي ٿي انهن کي هر وقت تاريخ جي هر ڏڪئي مرحلي ۾ ختم ڪيو، پر انهي استادِ عظيم جي پيغام سان، ٻيا استاد نه، جن جا نظريا سال ۾ ختم، نظريا پنجن مهينن ۾ ختم، ٻن سالن ۾ ختم، حڪومت ختم ته نظريو ختم، اهڙا ڪئين ٻاهريان ڏاريا نظريا آيا مسلط ڪيا ويا پر ختم ٿي ويا، پر نجو جيڪو نظريو جيڪو محبوب ڪريمﷺ اخلاقن جي ذريعي، ڪردارن جي ذريعي پنهنجي انهن پوئلڳن کي پيش ڪيو، توهان جيڪڏهن منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي سوانح حيات پڙهندا ته توهان کي خبر پوندي، مون وٽ ايترو ٽائيم ڪونهي نه ته آئون توهان کي منهنجي محبوب ڪريمﷺ جي هڪ هڪ شعبي، هڪ هڪ وصف صفات جي ذريعي توهان کي انسانيت، توهان کي صوفيت، توهان کي قلندريت، توهان کي اويسيت سيکاريان، هيءَ اسان جو طريقو توهان کي هڪ هڪ محبوب جي صفات مان آئون توهان کي واضح ڪري ٻڌايان، مونکي وري به انهن دوستن جي چهري ۾، چو ته صوفي جيڪو هوندو آهي اهو مزاج شناس هوندو آهي، صوفي چهري شناس هوندو آهي، اهو دل شناس هوندو آهي، اهو ماضي شناس هوندو آهي، اهو مستقبل شناس هوندو آهي، تڏهن اسان جا ماڻهو تصوف ۾ چوندا آهن ڪشف القلوب، ڪشف الصدور، ڪشف الوجود اِهي به علم آهن جيڪي اولياء اڪرام صالحين جيڪي عارفن وٽ اچن ٿا پر اسان صوفي انهن کان به لاتعلقي اختيار ٿا ڪريون، اسان اهي ڪرامتي ڪهاڻيون ڪرڻ وارا ڪو نه آهيون، اسان خوابن خيالن وارا صوفي ڪو نه آهيون، اسان عملي صوفي آهيون، اسان توهان کي به عملي صوفي ڪرڻ وارا آهيون،

ڪرڻ واري الله جي ذات آهي، اسان توهان جي چندي ته پاڙڻ وارا ڪو
نه آهيون، اسان توهان جي جيبن تي اک هڻڻ وارا ڪو نه آهيون، اسان
اِهو نهارڻ وارا ڪو نه آهيون ته ڪٿان اسان ڪي هار پوي ٿو، اسان
توهان جي مستقبل تي نهارڻ وارا آهيون، اسان نهارڻ وارا آهيون
توهان جي انهي ڇهري ڪي، توهان جو ڇهرو ڇا ٿو ٻڌائڻ چاهي، توهان
جي اندر ۾ ڪهڙا وسوسا ٿا اڇن، يقينن اڄ هتي هن محفل ۾ نوان ماڻهو
به آيا هوندا، انهن ڪي وسوسا هوندا ته قطارن ۾ چڱا ڪاشا دوست ڪي
ڊاڪٽر، ڪي يونيورسٽي جا شاگرد انعام پيا وٺن، اهو ڇا آهي؟ هيءَ
ڪهڙو ته سبق آهي؟ آئون انهن نون دوستن ڪي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اِهو
سبق نه آهي، هنن ڪي ڪردار پڙهايو ويو آهي، هنن ڪي اخلاق پڙهايو
ويو آهي، علم حاصل ڪرڻ اسان تي فرض آهي، ڇو جو منهنجي
محبوب ڪريمﷺ علم حاصل ڪرڻ ڪان ڪڏهن به منع ڪو نه
ڪئي، محبوب ڪريمﷺ ڇيو توهان علم حاصل ڪرڻ لاءِ چين
تائين وڃون، جيڪي قيدي ٿي ايندا هئا انهن ڪي محبوب ڪريمﷺ
چوندو هو ته جيڪڏهن توهان اسان جي ڏهن ماڻهن ڪي پڙهڻ لکڻ
سيکاريو ته توهان آزاد آهيو معنيٰ علم، صوفي توهان ڪي علم ڪان
لاتعلق ڪو نه ڪندا، نه ئي دنيا ڪان توهان ڪي لاتعلق ڪندا جيئن
توهان دنيا ڪان صفا هڪ طرف ٿي وڃو، اهو صوفي نه ڪندا، صوفي
توهان ڪي اهڙو مضبوط انسان ڪندا، اهڙو مضبوط بردبار انسان توهان
ڪي ڪندا، اهڙو استقامت وارو توهان ڪي انسان ڪندا جيئن پٽائي
صاحب ڇيو آهي ته:

”تتي تڏي ڪاه ڪانهي ويل ويهڻ جي“

معنيٰ اهو فلسفو ته، تتي تڏهن به هلڻو، تڏي تڏهن به هلڻو، معنيٰ
ويهڻ وارو صوفين وٽ نالو ڪونهي، تعليم جي شعبي ۾، نوڪرين جي
شعبي ۾، دنيا جي ترقيءَ جي شعبي ۾، پر ان ۾ صوفين ڪي فرق ڪرڻو
پوندو، انهي ڪردار ۽ اخلاق جو جائزو وٺڻو پوندو، پنهنجي پاڙي جو،



پنهنجي معاشري جو ته منهنجي ڪنهن اخلاق جي ڪري، منهنجي
ڪردار جي ڪري، منهنجي تعليم جي ڪري ڪنهن نياڻي تي ڪو
بار پرو ته ڪو نه پيو آهي هن جي تعليم ته منقطع ته ڪو نه ٿي آهي،
پاڙي ۾ منهنجي به ماڙ تي ماڙ بلڊنگ ناهڻ جي ڪري صرف اِهو
ڏيکارڻ لاءِ ته آئون ڪو وڏو سردار آهيان منهنجي انهيءَ عمل سان پاڙي
واري جي ڪا هوا ته نه رڪجي وئي آهي يا ٻي ڪا تڪليف ته نه آئي
آهي، مون پنهنجي پٽ جو وليمو ايڏي شايان شان سان ڪيو جو
سياڻي ڪو مسڪين ڪو نياڻي وارو ايڏي انداز سان نه ڪري سگهي،
معنيٰ اِها انسانيت ڪونهي، صوفي وري ائين نه سمجهندو، صوفي وري
پنهنجي انهي استاد ڏانهن ويندو، اهو ڪهڙو استاد؟ اهو محبوب
ڪريمﷺ جنهن بيبي امان سائڻ ڪي پنهنجو ڏيج ڪهڙي حالت ۾
ڏنو، اهو صوفي جيڪو محبوب ڪريمﷺ ڪي پنهنجو استاد ٿو
سمجهي، محبوب ڪي پنهنجو رهبر ٿو سمجهي، ائين نه ته ٻارنهن مهينن
۾ هڪڙي ربيع الاول جي مهيني ۾ محبوب ڪريمﷺ جي سيرت
ٻڌايو ساراه ٻڌايو ۽ پوءِ ماڻهن سان ويهي فراڊ ڪيون، صوفي چوويهه
ڪلاڪ پنهنجو پاڻ ڪي انهيءَ عمل ۾ شامل ڪندو ۽ پاڻ سان وابسته
دوستن ڪي به انهيءَ ماحول ۾ آڻيندو، انهي ماحول ۾ شامل ڪري انهن
ڪي پاڻ سان گڏ هلڻ سيکاريندو، ائين هلڻ سيکاريندو جيئن ٻن ٽن
سالن جي ٻار ڪي پيءُ ڇيچ مان وٺي هلڻ ٿو سيکاري، اِهو هڪڙي
استاد، هڪڙي دوست جو اهو فڪر ٿيندو، ائين ڪو نه ته هن ڪي هربا
سيکاريندو ته حرام ڪي حلال ڪيئن ڪجي، جيئن اڄ چوندا آهن ته
بليڪ مني ڪي وائيٽ مني ناهيون، صوفي توهان ڪي اهو ڪو نه
سيکاريندو، صوفي توهان ڪي سيکاريندو هلڻ، اٿڻ جا اهي اصلوب
جنهن سان اسين انسان محسوس ٿيون، صرف ڪپڙن، ويسن وڳن،
نڪ، ڇپن جي ذريعي اسان انسان محسوس نه ٿيو پر اسان ڪردارن،
اخلاقن پنهنجي پاڙي ڪي، پنهنجي معاشري ڪي، هن جهان وارن ڪي

اسان انسان محسوس ڪرايون، اها صوفيت آهي، جيسين توهان جي ڪنڌ ۾ آڪڙ آهي تہ توهان سمجهو توهان دنيا دار آهيو. توهان پنهنجي ظاهري ملڪيت جي ڪري، توهان پنهنجي انهي منصب جي ڪري ڪنهن مسڪين کي ٻڌائي سگهو ٿا، ڪيس ڪري سگهو ٿا پر توهان ان جي دل خريد ڪري ڪو نہ ٿا سگهو. اِهو دل خريد ڪرڻ وارو فن فقط صوفين وٽ آهي، دل خريد ڪيئن ٿي ڪجي اهو فن صرف قلندرين وٽ آهي، اهو فن صرف انهن وٽ آهي جن اِهو فن اپنايو. توهان انهن کي داٻا دوٻا ڏئي سگهو ٿا، وقتي طرح ان کي خاموش ڪري سگهو ٿا، پر اندر جو جيڪو هُل آهي نہ انهي کي توهان خاموش نٿا ڪري سگهو.

دوستو! آخر ۾ توهان کي هٿ ٻڌي عرض تہ انهيءَ قلندري سلسلي ۾ اچو پر ڪردارن اخلاقن اچو اسان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. اسان کو نہ ٿا چئون تہ توهان اسان کي پير جي روپ ۾ سمجهو، ڪنهن مولوي جي روپ ۾ سمجهو، ڪنهن فقير جي روپ ۾ سمجهو، ائين نہ سمجهو تہ هنن دوستن مونکي پٽڪو ٻڌائي چڙهيو تہ آئون وڏو ڪو پير ٿي ويس، اسين مسڪين فقير، توهان کي عرض آهي تہ بس انهي درود پاڪ کي ورجايو جيئن اڄ سائنس جي ذريعي اشارن تي بٽڻ بند ٿين ٿا کلن ٿا، آواز تي بہ بٽڻ بند ۽ کلن ٿا، تہ هنن الفاظن ۾ وڏو ڪرنٽ آهي، وڏو پاور آهي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو حديثون ۾ فرمان پنهنجي جڳهہ تي، اهي حق بلڪل برحق، منهنجي محبوب شريعت جا اسين تابع آهيون، سڀ شيون پنهنجي جڳهہ تي، پر آئون اڄڪلهہ جي نوجوانن کي سائنسي طريقي سان سمجهايان تہ جيترا دفعا انهن الفاظن کي اچاريندا انهن منجهان اُهي روشنيون، اُهي شعاع، اها نورانيت توهان جي وجود ۾ ويندي، توهان جي ذهن کي فريش ڪندي، اها نورانيت جڏهن توهان جي اندر ۾ پوندي تہ توهان کي سڪونيت عطا ڪندي، بي آرامي، ٿهل ڦهل سڄي رات ويهون



پنهنجيون نندڙون ڦٽايون پرايون نندڙون ڦٽايون، بي سڪوني، پيچ پيچان هيڏانهن پيچان هوڏانهن پيچان اها توهان جي ختم ڪندي، هڪڙي پير وٽ وياسون انهي وٽ مسئلو حل ڪو نہ ٿيو، وري ٻئي پير کي تحفا تائف ڏناسون، وري ٽئين وٽ پهتاسون، عامل وٽ پهتاسون، جادوگر وٽ پهتاسون، اهي توهان جون بي چينيون توهان مان ڪڍي پوءِ اها روحانيت توهان جي ذهن کي فريش ڪندي، توهان جي بدن ۾ پوندي جتي دل ۾ پنهنجو اڏو ٺاهيندي، اها خيما کوڙيندي، شاهہ صاحب چئي ٿو خيما کوڙيا، اهي خيما کوڙيندي، پوءِ توهان کي ٻڌائيندي تہ:

”پاڻي مٿي جهوپڙا مورک اڃ مرن“

پوءِ توهان کي چوندي تہ تون هيترا ڏينهن ڪٿي پيو اڃ مئين، هيءَ تہ پاڻي مٿي پيا آهن، پاڻي مٿي تنهنجو جهوپڙو بہ آهي، تنهنجو گهر بہ آهي، تنهنجي پاڙي ۾ هيءَ محفلون، هيءَ رنگ پر تون اڃان پيو اڃ مرين، توکي اڃان بہ پياس، توکي سڪون جي طلب، توکي پنهنجي انهي ڪردار جي طلب، تون پنهنجي ٻچن ٻارن مان پريشان، تون ڪاروبار مان پريشان، تنهنجا جهوپڙا پاڻي جي مٿان آهن تون ڇو ٿو پريشان ٿئي. سو الله سائين توهان کي وڏائي، توهان کي خوش رکي. آمين.

ميلاد مصطفي ﷺ، محفل ڪثرتِ درود پاڪ، ڳوٺ گل محمد برفت (ٽنڊو جام)
ڏاڏا سائين حاجي محمد يوسف شاهؒ گروپ. تاريخ: 09_11_2019

# عشق مصطفيٰ ﷺ کي سلامت رکو

اَعُوْذُبِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

دوستو! هتي ٽنڊو ڄام يونيورسٽي ۾ هڪڙو اهو شعبو آهي جيڪو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ آهي، ٻيو اهو معزز شعبو آهي جيڪو تعليم ڏيڻ وارو آهي، ٻيا اسان جا اهي دوست جن جو واسطو روحاني تعليم، معرفت واري تعليم سان آهي، اهي اها تعليم ڏين ٿا، يا اها تعليم حاصل ڪن ٿا، اڄ اسان هن پنڊال ۾ اهي سڀئي هتي عقيدت ۽ احترام سان آيا آهيون ۽ اسان پنهنجو پيغام جيڪو محبتن ڀريو پيغام آهي اهو ڏيڻ آيا آهيون، اهو پيغام سڀني فرقيواريت کان پاڪ صاف آهي، ڪنهن حسد، ڪنهن ڪيني، ڪنهن بغض، هر طرح جي اهڙي سوچ کان پاڪ صاف آهي، اسان جو هيءَ فلسفو محبتن وارو آهي، اسان جو هيءَ فلسفو پيار وارو آهي، اسان جو هيءَ فلسفو انهي عظيم عارفانہ سوچ وارو آهي، جنهن جي سوچ ايڏي تہ وسيع آهي جيڪا لامحدود آهي، جنهن ۾ رڳو محبتون ۽ پيار آهن جيڪي اڄ توهان کي هن پنڊال ۾، هنن الفاظن جي صورت ۾، پاڪرن جي صورت ۾، ڪنهن نہ ڪنهن طرح توهان تائين پهچندا، اهي پوائنٽون توهان ادب ۽ احترام سان ٻڌو ۽ هنداڀو ۽ اهو پيغام توهان پنهنجي ايندڙ نسلن جي لاءِ سانڍي رکو.

دوستو! هن ايڪويهين صدي ۾ اسان جون ڪجھ خواهشون آهن، اسان جون ڪجھ چاهتون آهن، اسان چاهيون ٿا تہ اسان کي معاشري ۾ مان مرتبو ملي پر خانداني طرح اسان جو اهو مان مرتبو نہ آهي، اسان جي بابي ۽ ڏاڏي کي اهو مان مرتبو نہ هو، اسان چاهيون ٿا تہ هن معاشري ۾ اسان جي بہ عزت هجي، مان ۽ مرتبو هجي، پر اهو اسان کي ڪيئن ملي، اسان چاهيون ٿا تہ هن معاشري ۾ اسان جي هيبت هجي، ڇو تہ هن معاشري ۾ باڊي گارڊن جو بہ رواج آهي، اسان اها هيبت چاهيون ٿا پر انهي هيبت جا اسان وٽ اسباب ڪو نہ آهن، اهي چار ئي پنج ئي شيون اسان چاهيون ٿا، اسان دولت



چاهيون ٿا، اسان مان مرتبو چاهيون ٿا، اسان هن معاشري ۾ چڱو ڪاڻ پيئڻ چاهيون ٿا، اسان چاهيون ٿا تہ چار اسان جا دوست بہ هجن، آئون هن فورم تان ٻڌائيندس تہ توهان کي اهي شيون آساني سان ڪيئن ملن، اهي شيون انهن کي الله سائين جي طرفان تحفو تي ملن ٿيون جيڪي انهي درسگاھ ۾ پڙهن ٿا، جيڪي انهي درسگاہ جي تعليم تي عمل ڪن ٿا، هاڻي اها درسگاہ ڪهڙي؟ اها درسگاہ اها جيڪا توهان کي اها راھ ٻڌائي، پهرين تہ توهان کي انهي پوائنٽ تي آڻي جتان توهان کي آرام ۽ سڪون ملي، توهان کي راحت ملي، توهان جي ذهن ۾ شانتي اچي، ان ۾ ٺهراءُ اچي.

دوستو! اسان جنهن فيڪلٽي ۾ پڙهيا آهيون، اسان جنهن پي ايڇ ڊي هولڊر وٽ پڙهيا آهيون، مون جيڪي توهان کي ظاهري تعليم جون فيڪلٽيون ٻڌايون جن ۾ هزارين ماڻهو پڙهن ٿا انهن جي تعليم ۽ هنن روحاني فيڪلٽين ۾ پڙهندڙ ماڻهن جي تعليم جو اخلاق، ڪردار کي توهان پاڻ ۾ پيٽيندا تہ زمين ۽ آسمان جو فرق هوندو، ها سرٽيفڪيٽ هوندا، منصب هوندا، پگهارون هونديون پر اخلاق ۽ ڪردار ۾ وڏو فرق هوندو، اهڙين هزارين روحاني فيڪلٽين مان جن جا استاد لعل سائين جهڙيون هستيون ٿيون پوءِ انهن ۾ ڪافي اهڙا جوان آيا جيڪي پڙهندا ويا پڙهائيندا ويا انهن مان هڪڙي فيڪلٽين پاڻ ڏانهن بہ آئي جنهن ۾ پڙهائڻ وارو هو محمد علي بلوچ، جنهن کي اسين محبت ۽ پيار سان سائين محمد علي بلوچ ڪري چوندا آهيون، ظاهري تعليم هن جي تہ عام هئي جنهن کي پاڻ انٽر ڪٽي چئون، پر جڏهن اهو سائين محمد علي انهي تعليم ڏانهن ٿو وڃي، ان جي ايڊميشن جڏهن ان ڪامل پي ايڇ ڊي هولڊر وٽ ٿي وڃي ٿي تہ اهو پي ايڇ ڊي هولڊر ان کي تعليم ڏئي وري ٻئي پاسي ٿو موڪلي، ائين هو فيڪلٽين ۾ پڙهي ٿو تہ ان جي زندگي تبديل ٿي وڃي ٿي، هن جي سوچ ۾ تبديلي اچي وڃي ٿي، هو سوچي ٿو تہ اي محمد علي تون پنهنجي لاءِ زنده پيو رهين، تون هڪڙو شخص، پر جتي توکي تعليم ڏني وئي آهي، جتي توکي وڏن وڏن فلاسافرن تعليم ڏني آهي، اها تعليم آهي عجز انڪساري جي، ٻين جي لاءِ جيئڻ، پنهنجي لاءِ تہ هرڪو جيئي ٿو هاڻي تون وڃ ۽ وڃي پڙتڪيل ماڻهن کي اها تعليم ڏي جيڪا تو حاصل ڪئي آهي، پوءِ توهان

ڏنو هوندو تہ هتان توهان جي هن درسگاه مان سوين نوجوانن سائين محمد علي کان اها تعليم حاصل ڪئي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سائين محمد علي کان مليل تعليم وڃي عام ڪئي، انهيءَ تعليم جو اهو اثر ٿيو جو هزارين ڀٽڪيل نوجوان راه راست تي اچي ويا. انهن جي خاندانن ۾ وڏي چينجنگ اچي وئي، اڄ انهن کي دولت بہ ملي، انهن کي شهرت بہ ملي، مان مرتبو بہ مليو هيبت بہ ملي، انهن کي دوست بہ مليا. هنن صرف هڪڙو ڪورس پڙهيو، هنن صرف هڪ شيءِ پڙهي، جنهن تي نہ ڪنهن فرقي کي اعتراض، ڪنهن کي بہ ڪو اعتراض ڪونهي، اُها، اُها شيءِ آهي جيڪو الله سائين جو حڪم آهي، اها استاد عظيم محبوب ڪريم ﷺ بہ چئي ٿو تہ جيڪڏهن توهان اها شيءِ پڙهندا تہ توهان مونکي ويجها ايندا. اها شيءِ آهي درود پاڪ. جيڪڏهن توهان درود پڙهندا تہ توهان کي دولت بہ ملندي، توهان کي عزت بہ ملندي، توهان کي شهرت بہ ملندي، توهان کي مان مرتبو بہ ملندو، توهان کي هيبت ملندي، هيبت ڪيئن ملندي؟ توهان کي ڪنهن آفيسر وٽ پيش ٿيندي اها طاقت ملندي تہ آئون متقي آهيان، مون وٽ معرفت آهي، مون وٽ عشق آهي، ماڻهو چون ٿا ايمان سلامت. اسين صوفي چئون ٿا عشق سلامت. هيءَ اها شيءِ آهي جيڪا سراسر عشق جي چوطرف ڦري ٿي، هاڻي اها شيءِ جڏهن اسان وٽ هوندي تہ ان جي هيبت آفيسر تي بہ پوندي، پاڙي واري تي پوندي، ڪنهن بہ حال ۾ پوندي. سائين محمد علي دنيا جي حوالي سان هڪڙو عام ماڻهو هو پر سائين محمد علي جڏهن ڪنهن وڏي ماڻهو جي سامهون بيهندو هو تہ ان وڏي ماڻهو جو اکيون هيٺ ٿي ويندين هيون، ڇو تہ ان ۾ هيبت اچي وئي ۽ الله سائين ڪڏهن سائين محمد علي کي ڪنهن پيسي لاءِ ڪو نہ سڪايو ان کي هر طرح جيڪي بہ شيون آهن اهي سڀ مليون. توهان بہ جيڪڏهن سائين محمد علي جي فلسفي تي هلندا تہ توهان کي بہ اهي سڀ شيون ملنديون.

دوستو! تعليم اها شيءِ آهي جيڪا ماڻهو کي ظاهري طرح سنواري ٿي ۽ ڪا وري اهڙي بہ تعليم آهي جيڪا اندروني طرح بہ ماڻهو کي سنواري ٿي، دوستو، تعليمي درسگاه جيئن توهان جي هن درسگاه ۾ فيڪلٽيون هونديون، ائين پاڪستان ۾ تقريبن اوڻانوين فيڪلٽيون آهن، جتي اسان



کي الڳ الڳ شعبي جي تعليم ملي ٿي ۽ مون جيڪي چار شيون چيون شهرت، عزت، دولت هيبت ۽ اهي شيون حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ اهڙا 422 انٽرنيشنل شعبا آهن، جنهن کي اسين پروفيشنل شعبا چئي سگهون ٿا، جنهن سان اسين پنهنجي مالي حالت، ڪاروبار، عزت، شهرت ناهي ٿا سگهون، جتان اسان کي مذهبي تعليم ملي ٿي اهي الڳ آهن پر جتان اسان کي دنياوي تعليم ملي ٿي جتي 89 فيڪلٽيون ڪم ڪن ٿيون جن کي يونيورسٽي چئجي انهن جو پاڪستان ۾ تعداد آهي 188، اتي اسان کي پڙهائڻ وارا جيڪي اسان جا محترم استاد آهن جيڪي پي ايچ ڊي هولڊر آهن انهن جو تقريبن تعداد آهي 11 هزار 6 سئو 70، جيڪي اسپيشلسٽ آهن جيڪي اسان کي انهن فيڪلٽين ۾ پڙهائين ٿا، اهڙي طرح منهنجا دوستو، روحاني بہ فيڪلٽيون آهن، جهڙي طرح ظاهري تعليم ڏيڻ لاءِ هيترا توهان جا ٽيچر، پي ايچ ڊي هولڊر، فيڪلٽيون، يونيورسٽييون آهن، اهڙي طرح روحاني تعليم ڏيڻ لاءِ بہ اهي سڀ شيون موجود آهن، هڪ دفعا منهنجي رهبر مونکي چيو، اِها تقريبن ٽيهہ سال پهرين جي ڳالهہ آهي، مونکي چيائون تہ بابا هن وقت لعل سائين تقريبن ستاويهہ هزار فيڪلٽيون هلائين پيا، ان ۾ روحاني تعليم هلي پئي، ان ۾ معرفت واري تعليم هلي پئي، جيڪا مون توهان کي ظاهري تعليم ٻڌائي پي انهي تعليم تي هيءَ روحاني تعليم حاوي ٿئي ٿي.

ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرتِ درود پاڪ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام
(بابا سائين احمد علي قريشيرح گروپ). تاريخ :۔ 2019۔11۔22.

# دُرود پاڪ قلب جو نور اٿوَ

اَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

دوستو! اڄ اسان اهلِ علم ۽ اهلِ عقل تي عشق جي هٿيار سان وارداتِ قلب ڪرڻ چاهيون ٿا. مون چيو اسين ڪو نہ ٿا چئون توهان تاريخ پڙهو. چيائون ڪهڙي تاريخ؟ مون چيو مولانا رومي جي تاريخ پڙهو. وڏو فلاسافر، محقق، دانشور، اهلِ علم، اهلِ فتوا. ان وٽ سڀ ڪجهہ هو پر انهي تي بہ هڪڙي مجذوب مست ملنگ حضرت شمس تبريز جي وارداتِ عشق حاوي ٿئي ٿي، ان جي علم تي ڌاڙو ٿو لڳي، ان جي عقل تي ڇاپو ٿو لڳي، اهو ڇاپو عشق جي روپ ۾ ٿو لڳي، انهيءَ علم ۽ عقل تي وارداتِ عشق حاوي ٿي وڃي ٿي، انهي مولانا کي مولانا رومي ٿو ناهيو وڃي ۽ ڪال کي حال ۾، حال کي ڪال ۾ جوڙيو ٿو وڃي، انهي ڪال ۽ حال کي مڪس ٿو ڪيو وڃي، انهي علم، عقل ۽ عشق کي ائين مڪس ٿو ڪيو وڃي جيئن جوس ٺاهڻ وارو سڀني فروٽن کي مڪس ڪندو آهي، علم، عقل ۽ عشق ٺهي جو جوس ٿو نڪري اهو مڪس ٿي پوءِ ٿي وڃي ٿو شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رح. پوءِ ان جي مٽي کي بہ مان ٿو ملي، سائين عبدالرحيم گرهوڙي جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ مونکي مديني واري سائين چيو تہ ”اي عبدالرحيم گرهوڙي تنهنجي مٽي مديني جي مٽي آهي، جتي تون مدفون آهين اها مديني جي مٽي آهي“.

دوستو! اڄ ڪلهہ معاشرو اسان کان هر ڳالهہ جو دليل ٿو وٺي، پوءِ عشق انهن کي ڪرامتن جي صورت ۾ دلائل پيش ٿو ڪري، ڪيئن ٿو ڪري؟ جڏهن عشق حاوي ٿو ٿي وڃي تہ عشق جي هٿان ڪرامتن جي صورت ۾ اهڙيون شيون ظاهر ٿيون ٿي وڃن جتي اسان جو علم ۽ عقل دنگ رهجيو ٿو وڃي، اتي عشق اسان کي ڪم ڏيو ٿو وڃي انهي مسلمانيت کي مسلمانيت ڪرڻ ۾، انهي انسان کي انسان ٺاهڻ ۾، جتي اسان جو علم ۽ عقل دنگ ٿي ٿو وڃي اتي عشق حاوي ٿو ٿيو وڃي اتي وارداتِ عشق ٿي وڃي ٿي، اتي وارداتِ قلب ٿي وڃي ٿي، پوءِ اهو قلب چينج ٿي ٿو وڃي، انهي قلب ۾ ڇا ٿو ٿي وڃي؟



هڪڙي فرعونيت، آهي تہ انسان مسلمان بہ آهي، ڪلمو بہ پڙهي ٿو، ارڪان بہ سڀ پورا ڪري ٿو، فرائض بہ پورا ڪري ٿو پر هن جي اٿڻ ويهڻ اخلاق مان اسان کي فرعونيت جي خوشبو پئي اچي، قارونيت جي خوشبو پئي اچي، انهي دل مان جڏهن فرعونيت ۽ ڪارونيت ختم ٿئي ٿي تہ اها دل عارفانہ ٿي وڃي ٿي، اها دل نرم ٿي وڃي ٿي، اها دل مٺڙ ٿي وڃي ٿي پوءِ اها دلِ اهو ڪو نہ ٿي سوچي تہ هيءَ ڇهرو ڪهڙو آهي، اُها دل چوي ٿي هيءَ انسان آهي، هيءَ الله سائين جي مخلوق آهي هو انهي طريقي سان هن سان پيش اچي ٿو. آئون جيڪو هن کي پيار محبت پيو ڏيان اهو الله سائين جي ڪري پيو ڏيان، انهي لاءِ ڪو نہ پيو ڏيان جو هيءَ منهنجا هٿ پير چمي، انهي محبت جو ڪارڻ فقط الله تعاليٰ آهي، ٻيو محبت ڏيڻ جو ڪارڻ اهو آهي تہ ٿي سگهي ٿو منهنجي محبت ڏيڻ ڪري هن جي اندر ۾ محبوب جي محبوبيت اچي وڃي، هيءَ درود پڙهڻ شروع ڪري، هن جو قلب فرعونيت منجهان، قارونيت منجهان ڪٽجي عارفانہ ٿي وڃي.

منهنجا دوستو! ادب ڇا آهي؟ اڄ جيڪا پنهنجي ميلاد مصطفيٰ ﷺ آهي انهي جي چوطرف ادب آهي، ادب جو نالو ڇا آهي؟ ادب جو نالو آهي منهنجي محبوب تي درود پڙهڻ. نجات ڇا جو نالو آهي؟ نجات نالو آهي منهنجي محبوب تي درود پڙهڻ. آئون تہ چوندو آهيان، هڪڙو آهي مقامِ عبادت، ٻيو آهي مقامِ محبت. مقامِ عبادت آهي الله سائين جي بندگي، مقامِ محبت ۾ توهان کي جيڪڏهن انٽر ٿيڻو آهي تہ درود پاڪ کانسواءِ توهان جي انٽري ڪو نہ ٿيندي، توهان کي منهنجي محبوب تي درود پڙهڻو پوندو. جيڪڏهن توهان چاهيون ٿا تہ توهان جي جلدي ۾ دعا قبول ٿئي تہ توهان کي دعا جي اڳيان ۽ پويان درود پاڪ پڙهڻو پوندو. تڏهن توهان جي دعا ايمرجنسي ۾ قبول پوندي، نہ تہ توهان جي دعا وچ ۾ ٽنگي پئي هوندي، اڳيان نہ ويندي.

دوستو! جيڪو منهنجي محبوب تي درود پاڪ پڙهڻ شروع ٿو ڪري سمجهو تہ ان تي عشق جي واردات ٿي چڪي، اڄان بہ وڏيڪ واردات اٿر ڪندي، چوندا آهن تہ چور کي هڪڙي چوري ڦٻي تہ چور وري ٻي چوري

ڪندو اسان چور آهيون، اسان کي هڪڙي چوري ڦبندي اسان وري ٻي چوري ڪنداسون، اسان پنهنجو وارداتِ عشق جو عمل جاري رکنداسون، اسان ۾ هيءَ سيئي دوست محبوب ڪريم ﷺ جي ٻانهيءَ جا ٻار، سيني اولياءِ اڪرامن جي پيرن جي خاڪ پنهنجي عشق جون وارداتو ڪندا رهنداسون دنيا جي معاشري تي، دنيا جي فلسفي تي، دنيا جي بدڪاري واري هلچل تي اسان عشق جون وارداتون ڪندا رهنداسون، اسان وٽ ٻيو ڪو هٿيار ڪونهي، اسان وٽ هٿيار آهي محبوب ڪريم ﷺ جي ڪثرتِ درود پاڪ جو هٿيار، انهي هٿيار سان اسان ڪوشش ڪنداسون تہ توهان جي دلين تي اسين قابض ٿيون، اسان قابض نہ ٿيو اسان جي محبوب جي محبوبيت قابض ٿئي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي ويجهڙائي توهان تي قابض ٿئي، منهنجي محبوب کي توهان ويجها اچو، منهنجي محبوب جي توهان پاڪرن ۾ اچو، منهنجي محبوب جي صحبت ۾ اچو.

دوستو! توهان وڃي سرچ ڪريو توهان کي اهڙي ڪا بہ جماعت ڪو نہ ملندي جيڪا هيڏي وڏي پئماني تي ميلاد جون محفلون ڪري ۽ هر مڪتب فڪر کي ڪائل ڪري پنڊال ۾ آڻي ان جي وات مان هڪ دفعا اهو اچاري.

"اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ"

ڪهڙي بہ مڪتب فڪر جو هجي، ڪميونسٽ ڪٽي ڇو نہ هجي پر ان کي پنڊال ۾ آڻي هن جي وات مان هڪ دفعا درود پاڪ اچارڻ تي مجبور ڪيو ويو، انهن بہ پنڊال ۾ ضرور درود پاڪ پڙهيو هوندو، مسلسل محفلون آهن، ڪو هڪ ماڻهو بہ چئي وڃي تہ منهنجو چندو آهي، منهنجي فيس آهي، هيءَ ڪا سياسي تحريڪ ڪونهي، هيءَ تحريڪ آهي وارداتِ قلب تي عشق سان حملي آور ٿيڻ جي، ياد رکو دُرود پاڪ قلب جو نور آهي.

ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرتِ درود پاڪ سائين عبدالرحيم گرهوڙي رحہ
(گرهوڙي گروپ). تاريخ: 18_11_2019



# هيءُ جام قلندر پي تہ ڏسو

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! هيءَ توهان ۽ اسان جو پاڻ ۾ ملڻ جو هڪڙو ڪارڻ آهي، توهان ۽ اسان جو پاڻ ۾ پاڪر پائڻ جو بہ هڪ مقصد آهي، هيءَ توهان کي پيار ۽ محبتون ارپڻ هن جي پٺيان بہ ڪو پسمنظر آهي، هن جي پٺيان بہ ڪا ڪهاڻي آهي، ڇو تہ هيءَ محبتن جا هٽ، هيءُ محبتن جون نظرون، هيءَ محبتن جو اهي سڀ ادائون، اهي گلاب جي گلن جي پتين جي صورت ۾ هجن، ڪنهن بہ خيال جي صورت ۾ توهان تائين پهچن ٿيون انهي جي پٺيان ڪو راز صوفياڻو آهي، ڪو راز ميخانہ آهي، اهو ميخاناءِ قلندريءَ جو هڪڙو فلسفو آهي، ان جو هڪڙو راز آهي، انهي قلندرانہ جيڪو ميخانہ آهي، هن جا جيڪي پيشاورانہ جيڪي فرد آهن، جيڪي انهي ميخانہ جي جام پي ڪري پرپور ٿيا آهن، ائين ڪٽي ڇئجي تہ اهي اها جام پي ڪري پرنور ٿيا آهن، انهن جو اکيون پرنور ٿيون آهن، انهن جا چهرا پرنور ٿيا آهن، انهن جو ڪثيل دليون زنگ آلوده اهو سون وارو ڏيک پيو ڏين، اهو نورانيت وارو ڏيک پيو ڏين تہ هيءُ ڪهڙو سبق آهي جو هنن هتي حاصل ڪيو اتي پر ايو تہ انهن کي اهي حاصلاتون مليون، هن آخري دجالي فتني واري دور ۾، هيءَ فتنا برپا ڪرڻ وارو دور آهي، فتنو ضرور ٿي چڪو آهي، اسان جي هر وک وک تي اسان کي فتنو ٿو ملي، ان جون ڪئين صورتون آهن، ان جا ڪئين روپ آهن، اهو هر هڪ روپ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نئين شڪل صورت سان اسان جي اڳيان حاضر ٿئي ٿو، پوءِ اهو ڪنهن ڪاروبار جي صورت ۾، ڪنهن فرقي جي صورت ۾، ڪنهن ويس وڳي جي صورت ۾، جهان جي ڪنهن خوبصورتيءَ جي روپ ۾، حوس ۽ حرص جي صورت ۾، پاڙيسري انهي منافق دوست جي صورت ۾، پنهنجي مٽ مائٽ جيڪو حوس حرص ۽ حسد سان پريو پيو هجي، انهي جي صورت ۾، هن جهان جي انهن خواهشن جي انبارن ۾

اسان جون مدفون ٿيل اهي خواهشات اهي پاڪ جائز خواهشون جيڪي ماديت پرستيءَ اسان جي اندر ۾ مدفون ڪري ڇڏيون آهن. اسان جي اندر ۾ انهن خواهشن جو اپرڻ جي صورت ۾، ڪئين روپن ۾ اچن ٿا. ڪئين اسان جا مسئلا. اسان جون پيچيدگيون. اسان جي فيملي جون. اسان جي دوستن جون. ڪاروبار جي صورت ۾ ۽ ڪافي قسمن ۾، ڇو ته ڪافي هتي اسان جا دوست ويٺا آهن هر ڪنهن جا پنهنجا پنهنجا مسئلا. پنهنجا پنهنجا رنگ، پنهنجيون پنهنجيون صورتون آهن. اهي صورتون رنگ انساني نه. اهي صورتون رنگ روحاني، هيءَ جيڪو ڇهري جو مزاج. هيءَ اندر جو مزاج. هن جي اندر واريون اهي الجهنون سو آئون توهان کي انهي جي باري ۾ ٻڌائيندس ته اهو سبق سيني تائين پهچي وڃي، ڇو ته هڪ هڪ ماڻهوءَ کان خبر پڇڻ لاءِ ته پاڻ کي ٽائيم کپي، زندگي کپي، اسان جو ته هڪ هڪ منٽ انهن محبوبن جي حوالي آهي، محبوب ڇون ٿا اڄان پڄو اڄان پڄو اڄان هلو وڃ ۾ وڃ جيتري توهان کي زندگي آهي، جيترو به توهان کي وقت آهي، جيترو به قلندري درياهه سان فيض ياب ٿي ٿو سگهي، جيڪا به انساني بنجر زمين فيضِ قلندر سان سيراب ٿي سگهي ٿي انهي کي سيراب ڪرڻ لاءِ اهو پاڻي انهن تائين پهچايو.

دوستو! اسان قلندري متوڪل آهيون. اسان جو يقين ڪامل هئڻ کپي، اسان کي توڪل اختيار ڪرڻ کپي، اسان کي استقامت اختيار ڪرڻ کپي، اسان کي ايڏو مضبوطي سان عمل پيرا ٿيڻ کپي ته اسان جي هر خواهش جيڪو اسان جو ڪامل رهبر اسان جي لاءِ مناسب سمجهندو اها اسان جي پوري ٿيندي، اها شادي جي صورت ۾ هجي، اها ملازمت جي صورت ۾ هجي، اها ڪاروبار جي صورت ۾ هجي، اها ننڍين وڏين پريشانين جي صورت ۾ هجي پر اسان کي مايوس ٿيڻو ناهي.

دوستو! اسان اولياء اڪرامن جي درگاهن تي انهيءَ ڪري ٿا محفلون رکون جو اسان پنهنجا سبقَ درس جي صورت ۾ انهن اولياءِ اڪرامن کي وڃي ٻڌايون. ڪثرتِ درود پاڪ جي صورت ۾، الله جي ذڪر ۽ اذڪار



جي صورت ۾ انهن کي سبق ٻڌايو. جيئن اسان جا اڳي جا استاد چوندا هئا ته هيءَ سبق فلاڻي وڻ کي ٻڌائي اچ، سبق ٻڌي استاد پيو پر اسان کي ٻڌائڻو وڻ کي پيو پوي، وري اهو سبق بينچ کي ٻڌائي اچ، ڪرسي کي ٻڌائي اچ، سبق استاد پيو ٻڌي پر اسان جي منهن ٻئي پاسي آهي، سو هيءَ اسان کان سبق ٻڌڻ واري هستي ڪا ٻي آهي، انهن سبقن کي نوٽ ڪرڻ واري هستي ٻي آهي پر ظاهري اسان سبق ٻڌايون ٻئي ڪنهن کي پيا. ڪنهن درگاهه تي، ڪنهن محفل ۾، ڪنهن تحفن طائفن جي روپ ۾، سجاوٽ جي روپ ۾، هيءَ اسان جو استقبال انهي ۾ دنيا جي خواهش جو ڪو به عمل نه آهي، هيءَ هڪڙي پاڪيزه صوفياڻي روحاني تحريڪ آهي، جماعت آهي جنهن جو ڪم آهي پڙهيل نوجوانن جي تعليماتِ محمديﷺ جي ذريعي اصلاح ڪرڻ، اولياء اڪرامن جي تعليماتِ جي ذريعي اصلاح ڪرڻ، آساني سان محبت سان اهڙي طريقي سان انهن جي اندر ۾ اها تعليم داخل ڪئي وڃي، عشق ۽ محبت جا جراثيم اهڙي طريقي سان ان جي اندر داخل ڪيا وڃن جو ان شخص کي خبر به نه پوي ته هي جراثيم منهنجي اندر داخل ٿين پيا. پر محبت واري کي خبر پوندي ان جي اندر سرٽاٽيون ٿينديون، هن جي بدن جا وار ڪانڊاربا، پاڪرن سان ڪانڊاربا، ملڻ سان ڪانڊاربا، هن جي ڪيفيت چينج ٿيندي، هن ۾ گرمائش پيدا ٿيندي، هن جي دل ۾ گرمائش پيدا ٿيندي، هن جي محبت وڌندي، هن جي طلب وڌندي، توهان يقينن سمجهو ته عشقِ مصطفيٰﷺ جا جراثيم توهان ڏانهن منتقل ٿين پيا.

دوستو! جيڪي اسان جا قلندري دوست جيڪي محبانِ قلندر آهن، محبانِ بابا سائين احمد علي قريشي آهن، منهنجي محبوب ڪريمﷺ سان محبت ڪن ٿا ۽ رات ڏينهن پنهنجو وقت ڏين ٿا انهن جو حساب انهن سان ڪو نه ٿيندو جيڪو آهي ته قلندري، ٿورو گهڻو درود به پڙهي ٿو پر ٻارهين مهيني پلجي ڪنهن پروگرام ۾ اچي ٿو ۽ هو سوچي ٿو ته هنن قلندرين وٽ روز محفلون آهن، ڇو نه آئون ڪا اهڙي فيلڊ ڳولهيا، جنهن ۾ منهنجو نالو ٿئي، جنهن ۾ مونکي شهرت به ملي، چوندا آهن ته ”سخي ۽ شُوم جو سال ۾ ليکو

برابر"، بابا جيتري مزدوري ڪندي اوترو توکي TA/DA ملندو اوترو توکي مزدوري ملندي، تون ڪم ڪري اڌ ڪلاڪ ۾ مزدوري وٺي سڄي سال جي ائين تي ڪو نه ٿو سگهي، تون سڄو سال اسان کان رهي الڳ جيڪڏهن تون سڄو سال اسان کان الڳ رهندي ته تنهنجو پيڪيج بند ٿي ويندو تو وٽ جيڪڏهن پيڪيج ئي ڪونهي ته پوءِ تو وٽ اسان جو واٽسيپ ڪيئن پچندو تو وٽ اسان جي فيسبڪ جو ربورٽون ڪيئن پچنديون، تو وٽ اسان جا ميسج ڪيئن پهچندا، تنهنجو واٽسيپ ئي ٻئي طرف، تنهنجو فيڪس ئي ٻئي طرف، تنهنجو خيال ٻئي طرف، تنهنجو نظريو قلندرانه هتي ڪري ٻئي طرف، جتي توکي قلندري دوستن کي وڌائڻ گهرجي، جتي توکي محبت ۾ عشق جو جام پيئارڻ کپي، اتي تون دنيا وارا جام پيئاريندي، ها تون دنيا جا به پيسا خريد ڪري سگهين ٿو پر ان سان ڇا ٿيندو؟ ان سان تنهنجي طبيعت ۾ بي چيني شروع ٿي ويندي، تنهنجي طبيعت ۾ فرق ايندو پوءِ ڇا ٿيندو؟ پوءِ توهان کي قلندري دوستن ۾ اهو عزت ۽ وقار ڪو نه ملندو تون چوندي مون سان ويل ٿي ويو مونکي محبت ڪو نه ٿي ملي، تون چوندي مونکان فلاڻا فلاڻا پاسو ڏيو مٿيو ٿا وڃن، بابا عزت جنهن فارمولي تي توکي ملندي هئي انهيءَ فارمولي تان هاڻي تون باغي ٿي ويو آهين، انهي فارمولي کي هاڻي تون صرف پارٽ ٽائيم ٿو ڏي، تون هن تي انويسٽ ڪو نه ٿو ڪرين، تون هن سان واپار ڪو نه ٿو ڪرين، جيتريون عزتون تون قلندري سلسلي کي اربيندي اوتريون عزتون توکي ملنديون، جيترو ٽائيم تون محبوب ڪريم ﷺ تي درود پاڪ پڙهڻ ۾ انويسٽ ڪندي اوترو توکي فائدو ٿيندو.

ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرتِ درود پاڪ (شهباز گروپ).

تاريخ: 2019_11_10



# اسان جي تحريڪ اصلاح انسانيت آهي

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دوستو! اسان جي جماعت نه ڪنهن خواب تي، نه ڪنهن خيال تي، نه هن جو زور ڪنهن ڪهاڻي تي، نه هن جو زور ڪنهن ڏن پٽ تي، نه هن جو زور ڪنهن پيري مريدي تي، نه هن جو زور ڪنهن فرقي واريت تي، نه هن جو زور ڪنهن نفرت پرستيءَ تي، نه هن جو زور ڪنهن تي تنقيد ڪرڻ تي، نه هن جو زور ڪنهن کي هٽ ڪرڻ تي، نه هن جو زور ڪنهن جا عيب ڪڍڻ تي، ڇو ته صوفيءَ جي سڄي نگاهه "وَفِي أَنفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ"، هن جي جيڪا به ڪوشش آهي اها پنهنجو پاڻ تي اک رکڻ آهي، پنهنجي چوڪيداري ڪرڻ آهي، پنهنجي نفس جي پهريداري ڪرڻ آهي، ڇو ته شيطان جو اعلان ڏاڏا آدم عليہ السلام جي وجود ۾ اچڻ سان گڏ پيو ڪيو وڃي، ڇو ته پهرين شيطان جو روپ پيو هو هن جو زاهد جو روپ هو هن جو عابد جو روپ هو، هن زهد ۽ عبادت جي ڪري هو ايڏو ته اڳتي وڌي ويو جو الله سائين جا جيڪي ملائڪ هئا انهن جو اڳواڻ ٿي ويو پر جڏهن حضرت آدم عليہ السلام جو وجود پيو ٿئي ته اهو شيطان شيطان جو روپ وٺي ٿو وڃي.

دوستو! اسان جي انجمن غلامانِ قلندر جي محفل ميلادِ ملهائڻ جو هڪڙو مقصد آهي، اهو مقصد آهي محبوب ڪريم ﷺ جي تعليمات، منهنجي محبوب جو حسنِ اخلاق آهي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جو ڪردارِ زندگي آهي جيڪا حياتِ زندگي آهي، اهو توهان ۽ اسان جي لاءِ زندگي گذارڻ جو طريقو آهي، پنهنجي پاڙيسري جي روپ ۾، پنهنجي اولاد سان پيش اچڻ جي صورت ۾، پنهنجي دشمن سان وررتاءُ جي صورت ۾، جڏهن مڪو فتح ٿو ٿئي ته انهيءَ وقت به

منهنجي محبوب جو پنهنجي دشمنن سان ورتاءُ ڇا هو، منهنجي محبوب جو رويو پنهنجي حرمن سان ڇا هو، منهنجي محبوب جو رويو انهن سان ڇا هو جيڪي محبوب ڪريمﷺ جي زيرِ دست ڪم ڪندا هئا، ڪنهن منهنجي محبوب کان پڇيو ته محبوب ڪريمﷺ پنهنجي ماتحت ڪنهن ڪم ڪندڙ نوڪر کي ڪيترو معاف ڪيو وڃي، محبوب ڪريمﷺ چيو ته ”آئون پنهنجي ماتحت ڪم ڪندڙ کي ستر دفعا معاف ڪيان ٿو توهان به ايترو معاف ڪريو“، اهو سڄو فلسفو انهي محفل ميلاد ۾ اچي وڃي ٿو جڏهن اسان محبوب ڪريمﷺ جي تعليمات تي عمل ڪنداسون، محبوب ڪريمﷺ جي تعليمات جي پيروي ڪنداسون ته اسان روم ۽ فارس تي قابض ٿينداسون، محبوب ڪريمﷺ جي ساٿين جيڪي بي سرو سامان هئا انهن محبوب ڪريمﷺ جي تعليمات تي عمل ڪري انهي وقت جي سپر پاور ملڪن روم ۽ فارس کي فتح ڪيو.

دوستو! اسان جي معاشري ۾ اڄ ڪلهه عمل جو وڏو فقدان آهي، چوڻ جي لاءِ ته اسان گهڻو ڪجهه چئون ٿا، تقريرن جي صورت ۾، واعظن جي صورت ۾، پر اسين پاڻ چوڻ وارا انهي عمل کان پري آهيون، انهي عمل کان اسين کوکلا آهيون، وقتن به وقتن ميڊيا جي ذريعي اُهي شيون توهان جي اڳيان ظاهر ٿين پيون، اسان جي الفاظن ۾ اها تاثير ڪو نه رهي آهي، اسان جي الفاظن ۾ اها مناس ڪو نه رهي آهي، اسان چوويهه ڪلاڪ سوچيو پيا ته پنهنجي پيٽ جي لاءِ، اسان جيڪڏهن علم حاصل ڪريون ٿا ته پنهنجي پيٽ جي لاءِ، اسان آخرت جو فڪر ڇڏي ڏنو آهي.

دوستو! انجمن غلامانِ قلندر خالي ڳالهه نه آهي، انجمن غلامانِ قلندر مڙئي ڪا افواهه نه آهي، انجمن غلامانِ قلندر مڙئي 200 سئو 500 سئو جون تسبيحون هٿن ۾ کڻي هلڻ جو نالو نه آهي، انجمن غلامانِ قلندر خالي ڳالهه ڪرڻ نعرا هڻڻ جو نالو نه آهي، انجمن



غلامانِ قلندر هڪڙو عملي فورم آهي، هيءَ هڪڙي واحد تحريڪ آهي، هيءَ هڪڙي واحد تنظيم آهي جنهن جو مالي وسيلو ڪنهن به چندي ۽ فنڊ تي ڪونهي، جنهن جو ڪو به ڊونر ڪونهي جتان هن کي ڪو فنڊ ملندو هجي، نه ئي هن جو ڪو اصلي پيري مريدي وارو ڪو سسٽم آهي، ها استاد شاگردن وارو واسطو آهي، پيءُ پٽ وارو رشتو آهي، دوستي وارو رشتو آهي، محبوب ڪريمﷺ جي محبت جي وسيلي اسان جون پاڻ ۾ نسبتون آهن، اسان جون پاڻ ۾ محبتون آهن، پر پيري مريدي وارو جنهن ۾ هٿ چمڻ پير چمڻ وارو ڪو به سسٽم ڪونهي، ها ادب احترام پنهنجي جڳهه تي، هن جو اهو مقصد نه آهي ته هيترا مريد هجن انهن جي فهرست هجي پوءِ انهن کي ائين ڪجي جيئن پيا ڪن ٿا، هن جو اهو مقصد نه آهي، هن جو مقصد آهي اصلاحِ انسانيت، اصلاحِ مسلمانيت.

ميلاد مصطفيٰﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ ڪمون شهيد (سائين محمد علي بادشاهه رح گروپ). تاريخ :۔ 2019۔11۔12.

# هيءُ عشق جي امانت آهي

أَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

منهنجا دوستو! اڄ اسان هتي سسئي وانگر پنهوءَ جو پير کڻي پهتا آهيون, جڏهن اسان پير کنيو تہ اسان کي بہ پيري مليا, هنن کي اسان چيو پير کڻو هڪڙو پيري هو ان جو نالو هو نصيحت, ٻيو جيڪو پيري هو ان جو نالو هو نحوست, هاڻي ٻنهي پير کنيا آهن, هڪڙي پيريءَ پير کنيا آهن نصيحت جا, ٻئي پيريءَ پير کنيا آهن نحوست جا, نحوست اها بدڪاري آهي, اها بڇڙائي آهي, اها برائي آهي جيڪا اسان کي ڪافي صورتن ۾ اسان جي معاشري ۾ ملي ٿي, ڳوٺن ۾, شهرن ۾ هر طرح اسان کي نحوست ملي, ٻي طرف وري اسان کي نصيحت ٿئي ٿي, ڪهڙين شين جي؟ ڀلائي جي, خير جي, هوڏانهن شر آهي, هوڏانهن وري خير آهي, ڀلائي آهي, ڪنهن جي لاءِ ڀلائي؟ اسان جي لاءِ ڀلائي, اسان جي ڪردار اخلاق جي لاءِ ڀلائي آهي, هر اهو ڪم جيڪو اسان کي ستائي پيو انهي کي راه راست تي آڻڻ جي لاءِ اڄ اها نصيحت پير کڻي اسان کي هن پنڊال ۾ وٺي آئي آهي, هيءَ پنڊال محبتِ محمدي ﷺ جو پنڊال آهي, هيءُ عشقِ مصطفيٰ ﷺ جو پنڊال آهي, هن پنڊال کي اسان جي دوستن ميلاد مصطفيٰ ﷺ جي طور ملهائي ۽ توهان کي آماده ڪيو آهي تہ هن پنڊال ۾ اچو ۽ اچي شريڪ ٿيو ۽ نئين انداز سان محفلِ ميلاد کي ٿا ملهايون, محفلون تہ ٻيون بہ ٿين ٿيون, منهنجي محبوب جا ميلاد تہ ٿين ٿا ان جا ڪيئين رنگ روپ آهن پر هن ميلاد جو مقصد نصيحت آهي, ڪو حصار آهي, حصار مطلب چوطرف ڪو دائرو ٻڌجي, هن محفل جو مقصد ڪو حصار ٺاهڻ آهي, هڪڙو دائرو ٺاهڻ آهي, هن محفل جو هڪڙو مقرر ٽائيم آهي, هيءَ محفل ٿوري دير جي لاءِ هلندي پر اهو حصار اسان کي هميشہ جي لاءِ



قائم رکڻو آهي, انهي حصار کي ڪيئن قائم رکجي؟ انهي حصار کي قائم رکڻ لاءِ هنن دوستن جي معرفت توهان تائين هڪڙي امانت پهتي آهي, اها امانت آهي فيضِ قلندر, اها امانت آهي نصيحت نحوست کان بچاءُ جي, اها امانت پهتي آهي عشقِ مصطفيٰ ﷺ جي صورت ۾, اها امانت پهتي آهي ڪثرتِ درود پاڪ جي صورت ۾, جيئن توهان اهو پڙهڻ شروع ڪندا تہ توهان تي هڪڙو حصار ٻڌبو توهان جي چوطرف هڪڙي پهريداري ٿيندي, توهان جي مالڪي ٿيندي, ان ڪانپوءِ ملائڪ بہ توهان تي مقرر ٿيندا جيڪي توهان جي لاءِ بخشش جي دعا گهرندا.

دوستو! نحوست معنيٰ برائي, جڏهن اسين ان ۾ ڦاسون ٿا تہ اسان جي چهرن ۾, اسان جي طبيعت ۾, اسان جي فيملين ۾, اسان جي پاڙي ۾, جيڪڏهن ڪو دوست هتي خوشبو هڻي ٿو تہ ان جي خوشبو ڦهلجي ٿي, ائين ئي نحوست بہ ڦهلجي ٿي, جن ماڻهن نحوست ڦهلائي هن معاشري کي تباه ڪيو اڄ بہ انهن جي قبرن منجهان, انهن جي پاڙن منجهان اها نحوست اڄ بہ ظاهر ٿئي پئي, جن بہ برايون ڪيون, بدڪاريون ڪيون, بڇڙايون ڪيون انهيءَ تي هن بہ پريو تہ هن جي معاشري بہ پريو ۽ هن جي نحوست جي بدبوءِ بہ معاشري ۾ ڦهلجي وئي.

منهنجا دوستو! اڄ جيڪڏهن قلندري دوستن نصيحت جو پيغام ڦهلايو آهي تہ اڄ انهن جي اها مهڪ هلي پئي, نصيحت جي مهڪ, درود پاڪ جي مهڪ, اڄ اسان جا نوجوان, اسان جا ننڍڙا ٻار انهن جي هٿن ۾ تسبيحون آهن, اهي ٿورو يا گهڻو درود پاڪ پڙهن ٿا, توهان اناويهين جي محفل تي بہ اچو ٿا, توهان چوڏهين جي محفل تي بہ اچو ٿا ۽ توهان ٻين بہ ننڍين وڏين محفلن تي پهچو ٿا, يقينن توهان کي انهي نصيحت نحوست واري ماحول مان ڪڍي بهتر ماحول ۾ آندو آهي, "جتي نڪا جهل نڪا پل سيڪا پسي پرينءَ کي", ڪهڙو پرين پسجي؟ اهڙو پرين پسجي, اهڙو حسين پرين پسجي جنهن جو ڪو

مثال ئي نہ هجي، جيڪو شفيع المذنبين آهي، جيڪو رحمت العالمين آهي، جيڪو راحت العاشقين آهي، جنهن جو اخلاق ۽ ڪردار تمام اعليٰ آهي، جنهن جي تعليمات تمام اعليٰ آهي، غير مسلم قومون جن ايمان نہ آندو اهي بہ ان جي تعليم کان متاثر آهن، بدقسمتي اسان جي آهي جو اسان اڄ ان جي تعليم کان محروم آهيون، اڄ اسان دين اسلام کي ٻئي پاسي ٿا وٺيو وڃون، اسان جي ٻڪ ٻوڙ ظاهري تعليم تي بہ آهي تہ ظاهريت پرستيءَ تي بہ آهي، اسان اها تعليم ڇڏي ڏني، ڇو تہ منهنجي محبوب جي جيڪا شريعت آهي اها منهنجي محبوب جو اقوال آهي ۽ معرفت منهنجي محبوب جو اعمال آهي ۽ اسين معرفت کان هٽي وياسون، منهنجي محبوب جو قاب قوسين کان وڌيڪ ويجهو وڃي مشاهدو ڪرڻ اها منهنجي محبوب جي حقيقت آهي، طريقت اها شيءِ جيڪا اسان کي سڌي رستي تي وٺي وڃي اسان انهن شين کان پنهنجو پاڻ کي پري ڪري ڇڏيو آهي، اسين پنهنجو پاڻ کي پري ڪندي ڪندي اتي وڃي پهتا آهيون جتي اسان جي اک جي سفيدي ختم ٿي وئي آهي، اسان جي اکين مان نور جي چمڪ ختم ٿي وئي آهي، اها چمڪ تڏهن ايندي جڏهن توهان جون اکيون ڪنهن نصيحت واري جي اکين ۾ پونديون ۽ توهان جي اکين مان نحوست ختم ٿيندي.

دوستو! هيءَ جيڪا درود پاڪ جي محنت اٿئو انهي کي الفاظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي، ان ۾ ڪيترو بہ واڌارو ڪجي پر اها ڪا دائري ڪار ۾ نٿي اچي سگهي، منهنجي محبوب ڪريم ﷺ تي درود پاڪ پڙهڻ اسان جي لاءِ نجات آهي، پر اسان جي لاءِ بچاءُ آهي، اسان کي انهي حصار ۾ وٺي وڃي ٿو جتي اسان جي جواني قابو ٿي وڃي ٿي، جتي اسان جي زندگي محفوظ ٿي وڃي ٿي، اسان جي زندگي قائم دائم ٿي وڃي ٿي، جنهن ۾ آرام اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ سڪون اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ ادب ۽ احترام بہ اچي وڃي ٿو، هاڻي اسان کي ڪرڻو ڇا آهي؟



اسان تائين آذانِ عشق تہ پهتي، هاڻي اسان کي پنهنجو صفون صحيح ڪرڻيون آهن، هاڻي اسان کي هڪڙي ڊاريڪشن ۾ هلڻو آهي، جيڪڏهن ڪو نحوست وارو اسان جي نصيحت جي رستا روڪ ٿو ڪري تہ اسان کي انهي نحوست واري جي پرواه ناهي ڪرڻي، اسان کي انهي نحوست جي سمنڊ مان پار پوڻو آهي، هاڻي اها نحوست اسان کي ڪنهن فتني جي صورت ۾ اچي سگهي ٿي، ڪنهن دوست جي صورت ۾ اچي سگهي ٿي، ڪنهن حاسدي جي صورت ۾ اچي سگهي ٿي، ڇو تہ حسد اهڙي شيءِ آهي جنهن جو نہ ڪو منهن مهانڊو آهي، اها اهڙي بيماري آهي جنهن جو ڪو بہ علاج نہ آهي، جيڪا اسان جي دلين ۾ پلجي ٿي، اهو پلجي پلجي وڏو ٿي وڃي ٿو پوءِ هر چڱي شيءِ تي حسد ٿيندو، توهان جي واٽ بند ڪندي، پر دوستو نصيحت جو دامن ڇڏڻو ڪونهي، اسان کي اڳتي وڌڻو آهي! توهان اسان جو مستقبل آهيو، هيءَ جيڪي اڄ توهان نوجوان ويٺا آهيو، توهان نوان آهيو، توهان اڃان انهيءَ سمت ۾ هلو پيا، توهان کي اسان جي دوستن هڪڙو روڊ ميپ ڏنو آهي، توهان کي انهي روڊ ميپ تي هلڻو آهي، اها ميپ توهان کي ڪنهن بہ صورت ۾ بند ڪرڻي ناهي، توهان وٽ جيڪو قلندري نيٽورڪ وارو پيڪيج ٿيل آهي اهو قائم رکڻو آهي، پيڪيج ڇا آهي؟ پيڪيج آهي ڪثرتِ درود پاڪ جو پيڪيج، هاڻي توهان کي انهي روڊ ميپ تي هلڻو آهي، اهو روڊ ميپ توهان کي نحوست جي بازار مان، حسد مان، ڪيني مان ڪڍي منزل تي پهچائيندو.

روحاني خطاب ميلاد مصطفيٰ ﷺ محفل ڪثرت درود پاڪ هڪڙا موري
(سائين حيدر شاھ بخاريرح گروپ). تاريخ :ـ 2019_11_19.

# یہ محبت کا پیغام ھے

اَعُوذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

میرے دوستو! انجمن غلامانِ قلندر کا میلاد منانہ اور اس کا کثرت درود پاک پے قائم رہنا، اور اس معاشرے کے ستائے ہوئے لوگوں، اس ماحول کے ستائے ہوئے لوگوں، اس دنیا کے ستائے ہوئے لوگوں، اپنے عزیزوں کے ستائے ہوئے لوگوں کے پاس جا کے ان کو بولنا ہے کے آپ کیوں مایوس ہوتے ہو، آپکو ٹینشن کیوں ہوتی ہے، جب اللہ سائیں نے ایک ھستی آپ کی طرف بھیجی ہے جو کے باعثِ تخلیق کائنات ہے، آپ: طاحا ہیں، آپ یاسین ہیں، آپ مدثر ہیں، پتہ نہیں کون کون سے القابات کے ساتھ اللہ نے میرے محبوب کی تعریف کی ہے، اور اس محبوب کی شان میں کہا کے میں نے آپکا ذکر بلند کر دیا، اور میں آپ کے عشق میں:

"اِنَّ اللّٰہَ وَمَلٰٓئِکَتَہٗ یُصَلُّوْنَ عَلَی النَّبِیِّ ؕ یٰٓاَیُّھَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَیْہِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِیْمًا"

(سورت الاحزاب 33, آیت نمبر 56)

**مین تو احد ہوں، میں تو صمد ہون،**

"قُلْ ھُوَ اللّٰہُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾ اَللّٰہُ الصَّمَدُ ۚ﴿۲﴾ لَمْ یَلِدْ ۙ وَلَمْ یُوْلَدْ ۙ﴿۳﴾ وَلَمْ یَکُنْ لَّہٗ کُفُوًا اَحَدٌ ﴿۴﴾"

وہ تو واحد ہے، صمد ہے، وہ دینے والا ہے لیکن کہتا ہے القاسم، تم باٹنے والے ہو، میں تمھے دوں گا تم بانٹو، باٹنے والا کام آپکا ہے کیوں کے آپ رحمت العالمین ہیں، میں رب العالمین ہوں، یے القاسم کا جو لفظ ہے وہ آپ کے لیے ہے، آپ باٹنے والے ہیں، کیونکے میں نے آپکو بڑے بڑے القابات دیے ہیں، آپ رھبر کائنات ہیں، آپ رھبر انسانیت ہیں، آپ صرف مسلمانوں کے لئے نہیں، کسی فرقے کے لیے نہیں بلکے آپ پوری کائنات کے لئے رھبر ہیں، تو آج کل ہم کیوں مایوس ہیں، وہ ہستی تو رحمت العالمین ہے، اس ہیتُ کی حدیث کا مفہوم ہے کے:



"مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ صَلَاۃً وَّاحِدَۃً صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ عَشْرَ صَلَوَاتٍ وَحُطَّتْ عَنْہُ عَشْرُ خَطِیْئَاتٍ وَرُفِعَتْ لَہٗ عَشْرُ دَرَجَاتٍ"

**(الراوي: حضرت انس بن مالک رضہ. رواہ الامام احمد (11587) والنسائي (1297)**

"اگر آپ نے مجھ پر ایک مرتبہ درود پاک بھیجا تو آپ کے دس گناہ معاف کیے جائے گے، دس آپکو نیکیاں ملین گی اور دس آپکے درجات بلند کیے جائے گے"

آپ سوچیں کے ایک مرتبہ درود پاک پڑھنے پے ہمیں کتنی نعتیں ملتی ہے، آپ اندازہ لگائے کے اگر یے درود ہزاروں کی تعداد میں ہو تو ہمیں کتنی زیادہ نعں یاآپ ملیں گی .

میرے دوستو! درود پاک کی محنت کرنے کے لیے ہم دن رات جاگتے ہیں، ہم ایک ایک شر د، ایک ایک گاؤن میں فی سبیل اللہ جاتے ہیں، بدلے میں یہ دنیاوالے ہمیں کچھ بھی دے نہیں سکتے، دنیا والو کے پاس دینے کے لیے کچھ بھی نہیں رکھا، دنیا والے تو اپنی نفرتوں میں خود کو کے ہ، ہو چکے ہیں، اللہ پاک کی رحمت ہے اس سے انھوں نے دور بھاگنے کی کوشش کی ہے، تو ان میں حوس آگئی، حرس آگیا، ان میں مال زر کی محبت آگئی، وہ جو اصلی محبت تھی اس سے دور ہونے کی صورت میں وہ کوبکے وہ ہوگئے ہیں، وہ باہر سے تو بھت اچھے ہیں، مگر ان کے اندر وہ معرفت، وہ حقیقت، وہ طریقت، وہ سیرت، وہ میرے محبوب کریم ﷺ کا حسنِ اخلاق، میرے محبوب کریم ﷺ کا وہ کردار، میرے محبوب کریم ﷺ کی وہ تعلیمات نھیں ہیں، یے انجمن غلامانِ قلندر محبوب کریم ﷺ کی تعلیمات کا درس دیتی ہے، جو تعلیمات عشقِ مصطفٰی ﷺ ہے، جو تعلیماتِ عارفانہ ہے، جو تعلیماتِ قلندرانہ ہے، وہ تعلیمات محبت کے ساتھ آپ کے پاس آئے، آپکا کردار چینج ہو، آپکے اخلاق چینج ہو، آپکے اندر کی کیفیت چینج ہو، یے انجمن غلامانِ قلندر کا منشور ہے، یے چینجنگ اپنے اندر کیسے لائی جائے؟ یے چینجنگ فیضِ قلندر سے لائی جاسکتی ہے۔

میرے دوستو! ہماری انجمن غلامانِ قلندر کا پیغام ہے،

**اللهم مصلي امت محمد اللهم ارحم امت محمد اللهم فضل امت محمد**

جو کے ابدالوں کی دعا ہے، اس کو ایک منشور کی صورت میں، ایک فلسفے کی صورت میں کنورٹ کیا گیا ہے اور لعل سائین کو دیا گیا ہے کے یے تین پوائنٹس ہے کے آپ اپنے ان فقراء کے ذریعے اس بھٹکی ہوئی دنیا میں پھلائو، اللھم مصلي امت محمد ﷺ، معنٰی انسانیت کی اصلاح، مسلمانیت کی اصلاح، وہ ذہن جو منتشر ہیں، وہ ذہن جو پریشان ہین اس ذہن کو آپ کسی نا کسی طرح خالق حقیقی کی طرف لے آئے، محبوب کی محبوبیت کی طرف اس کو متوجہ کرے، اس کو رحمت اور نعمت کی طرف لے آئے، اس کی اصلاح ہو، لیکن اس اصلاح میں آپکو کو فرقی واریت نہیں کرنی، کوئی تعصب پرستی نہیں کرنی، کسی کو آپ نے تعنا نہیں دینا، کسی پے آپکو تنقید نہیں کرنی ہے، آپکو عاجزی کے ساتھ اس کی اصلاح کرنی ہے، کیونکے جو اللہ والے ہوتے ہیں وہ اپنے آپ کو ناچیز سمجھتے ہیں، کیونکے ان کا رابطہ تو بارگاہ اقدس سے ہے، ان کا رابطہ تو اللہ سے ہے، ان کی مخلوق کی طرف آنکھ نہیں ہوتی کے یے میں مخلوق کے لیے کر رہا ہوں بلکے وہ سب کچھ اپنے حقیقی مالک کے لیے کرتا ہے، جب انسان کی اصلاح ہو گی تو اس کا ذہن جائے گا وہا جو رہبر انسانیت ہیں، جو رہبر مسلمانیت ہیں، جو تمام انسانوں کا پیر وَمرشد ہے، وہ میرے محبوب کریم ﷺ ہیں، انسان کا ذہن اس کی طرف جائے گا، جب اس کا ذھن فریش ہو جائے گا تو وہ کھے گا، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ، توپرم وہ مسلمانیت کے دائرے میں آئے گا، جب وہ مسلمان ہو جائے گا تو تعلیمات رسول ﷺ پے عمل کرے گا، جب وہ تعلیمات رسول ﷺ پے عمل کرے گا اور اس کے سامنے حضور کریم ﷺ کی وہ احادیث آئیں گی جن میں حضور کریم ﷺ نے کہا ہے کہ مجھے قریب کرو، مجھے اچھا لگے گا کے میری امت میرے قریب آئے، تو آپ لوگ پوچھے گیں کہ کیسے قریب آئے، حضور کریم ﷺ کے حدیث کے مفہوم کے مطابق کثرت درود پاک سے شخص میرے قریب آئے گا، پھر جب ہم محبوب کریم ﷺ کے قریب ہونگے تو ہم پے فضل ہو گا، پھر اس فضل کی صورت میں ہم بخش دیئے جائے گے۔

میرے دوستو! ہم قلندری اویسی لوگ ہیں، ہم محبت باٹنا جانتے ہیں، ہم محبت کرنا جانتے ہیں، کیونکے ہمیں ہمیشہ ورثے میں جو چیز ملی ہے وہ ملی ہے محبت، فیض کی صورت، نبی



کریم ﷺ کے درود کی صورت میں، ہمارے پاس محبت ہی محبت ہے، ہمارے پاس نفرتیں تو ہے نہیں، ہمیں تو حکم دیا گیا ہے کے انسان ذات کے راستے میں جو کانٹے آتے ہیں ان کانٹوں کو ہٹاؤ اس کی جگہ پہ گلاب کے پھول بکھیرو، جیسے یے ہمارے عظیم دوست جو آپ پے گلاب کے پھول نچھاور کر رہے ہیں یے گلاب کے پھول نہیں بلکے محبوب کریم ﷺ کی محبتیں ہیں جو آپ پے نچھاور کر رہے ہیں کے درود پڑہنا سیکھو، درود پڑہنا عادت بناؤ، درود پڑھنا اپنے بچو کو سکھاؤ، جس نسل میں درود ہو گا وہ اس نسل کی بقا ہے، یہاں بھی بقا، قبر میں بھی بقا ہے، حشر میں بھی بقا ہے، حوض کوثر پے بھی اس کے لیے نجات ہے.

میلاد مصطفٰی ﷺ محفل کثرتِ درود پاک سائیں عبداللہ شاہ غازی رح گروپ کراچی

تاریخ: 17-11-2019.